ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | خميس 15 ڊسمبر 2022ع بمطابق 20 جمادي الاول 1444هہ | شمارو 62 | قيمت 10 رپيا

فوج خلاف نہ ڳالهائڻ جو مطلب اهو ناهي تہ ڪرپشن تي بہ اُن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي: سپريم ڪورٽ

قومي فيصلن تي وزيراعظم ۽ وڏي وزير کي احتساب کان استثنيٰ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو؟ وزيراعظم ۽ وڏي وزير کي فورسز کي استثنيٰ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو؟

آرمي آفيسرن کي نيب جي استثنيٰ درست آهي، رٽائرمينٽ کانپوءِ فوجي آفيسرن جو احتساب ٿي سگهي ٿو: اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي وڪيل جا دليل

ڇا اسان کي 40 سالن جي رٽائرمينٽ جو انتظار ڪرڻو پوندو تہ هڪ فوجي آفيسر جي ڪرپشن جو احتساب ٿئي؟: جسٽس منصور علي شاهہ جا ريمارڪس

آرمي ايڪٽ آرمي آفيسرن تي لاڳو ٿئي ٿو نيب قانون تي نہ، آرمي آفيسرن کي قومي سلامتي تحت سروس دوران نيب قانون جو تحفظ حاصل آهي: جسٽس اعجاز الحسن

آرمي آفيسر ڪميشن حاصل ڪرڻ کانپوءِ صرف 18 سالن تائين سروس ۾ رهندا آهن، پاڪستان جو اندروني ڪنٽرول، انتظام ۽ احتساب جا طريقا ۽ انهن جون سزائون عام سزائن کان وڌيڪ سخت آهن

نيب قانون ۾ ڪٿي بہ لکيل ناهي تہ آرمي آفيسرن جو احتساب آرمي ايڪٽ تحت ٿيندو، آرمي ايڪٽ نيب جي دائري کي محدود نٿو ڪري سگهي: جسٽس منصور علي شاهہ

اسلام آباد (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) ترميمي ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جي جسٽس منصور علي شاهہ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي وڪيل کان سوال ڪيو تہ قومي فيصلن تي وزيراعظم ۽ وڏي وزير کي احتساب کان استثنيٰ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو؟ سوال اهو آهي تہ وزير اعظم ۽ وڏي وزير کي فورسز کي استثنيٰ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو؟ چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ سپريم ڪورٽ ۾ نيب ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواست تي ٻڌڻي دوران پاڪ فوج جي نيب جي پهچ کان ٻاهر هجڻ جي سوال تي عمران خان جي وڪيل دليل ڏيندي چيو تہ آرمي آفيسرن کي نيب جي استثنيٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وفاقي وزير اياز صادق صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ملاقات ڪندي

ٻوڏ بعد پاڪستان جي معاشي منظرنامي تي نظرثاني ڪري رهيا آهيون: آءِ ايم ايف

واشنگٽن (م ڊ) آءِ ايم ايف پاڪستان سان نائين قسط جي حوالي سان ڳالهہ ٻول تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

موسمياتي تبديلي سبب برساتن ملڪ کي تباهہ ڪيو، بي گهر ٿيل ماڻهن جي بحالي وڏو چئلينج آهي: وڏو وزير

حڪومت متاثرن جي بحالي لاءِ قدم کڻي رهي آهي، پاڪستان سدائين ايٽمي توانائي کي پرامن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو، پاڪستان نہ رڳو سرحدي سلامتي پر غذائي تحفظ لاءِ چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي

ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل ماڻهن جي بحالي حڪومت لاءِ وڏو چئلينج آهي، موسمياتي تبديلي سبب برساتن اسان جي ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيو

اسان جاگرافيائي سياسي قوتن کي اولهہ کان اوڀر ڏانهن منتقل ٿيندي ايشيا سميت آفريڪا جو عروج ڏٺو آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ چين پنهنجو بيلٽ اينڊ روڊ انيشيٽو کي روس تائين وڌايو آهي

بي آءِ آءِ بدلجندڙ عالمي نظام ۽ جديد دور جي سيني اهم مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي جنهن تي پاڪستان توڙي ٻاهرين ملڪن جا اسڪالر ۽ سفارتڪار سنڌن ڌيان ڇڪرائيندا

دنيا تاريخي ۽ جاگرافيائي سببن وگهي ٽڪراءَ ۽ رهاڳي ۾ ورتل آهي تنهنڪري وقت جي ضرورت آهي تہ پاڪستان جي سمورن اندروني ۽ ٻاهرين مسئلن ۽ چيلينجز لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙي وڃي

پاڪستان نہ رڳو سرحدي سيڪيورٽي پر پاڻي ۽ خوراڪ جي تحفظ ۾ بہ پنهنجي ئي چيلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي: مراد علي شاهہ

دادو (ڪي اين شاهہ/ ڪڪڙ/ سيوهڻ) (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گڏيل عرب امارات جي قونصل خاني پاران ٿيليسيميا بابت آگاهي تقريب ڪرائي وئي

تقريب ۾ اطلاعات کاتي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ مڪاني کاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ جي شرڪت

گڏيل عرب امارات جي حڪومت جا شڪرگذار آهيون، سنڌ ۾ يو اي اي قونصل خانو فلاحي ڪمن ۾ مصروف آهي: شرجيل انعام ميمڻ

الفضل فائونڊيشن جي سهڪار سان ٿيليسيميا جي مريضن جي مفت علاج جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون: ناصر شاهہ

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل عرب امارات جي قونصل خاني پاران الفضل فائونڊيشن ۽ ٿيليسيميا بابت آگاهي تقريب ڪرائي وئي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ ۽ يو اي اي جي قونصل جنرل بخت عتيق الرميثي جو گڏيل عرب امارات جي قونصليٽ ۾ ٿيليسيميا جي آگاهي مهم جي تقريب ۾ گروپ فوٽو

صدر سان وفاقي وزيرن اياز صادق ۽ اعظم تارڙ جي ملاقات

صدر هائوس ۾ ملڪي سياسي صورتحال، ملڪ جي معاشي ۽ سياسي صورتحال ۽ قانون سازي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي سان وفاقي وزيرن اياز صادق ۽ اعظم نذير تارڙ ملاقات ڪئي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پ پ هميشہ ڪراچي جي وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي اسيمبلين ۾ پهچايو آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ جو عمران خان کي نالو وٺڻ بنا مشورو

نانگ ۽ ڪيڙا توهان کان غلطيون ڪرائي نااهلي جي دروازي تي وٺي آيا آهن: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳوڻو اڳواڻ فيصل واوڊا

پنجاب حڪومت بہ نہ ڪرندي توهان کي خبر پئجي ويندي ۽ فرض ڪريو جيڪڏهن ڪري بہ پئي تہ نظام پوءِ بہ هلندو رهندو

حاصل حصول ٻڙي جمع ٻڙي، نتيجو ٻڙي هوندو، اجا بہ وقت آهي ڀهارو گهمائي ڇڏيو نہ تہ بند گهٽي مان نڪرڻ ناممڪن هوندو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فيصل واوڊا اڳوڻي ويراعظم عمران خان کي تالي وٺڻ بنا مشورا ڏنا آهن. پنهنجي ٽوئٽ ۾ فيصل واوڊا جو چوڻ هو تہ نانگ ۽ ڪيڙا توهان کان غلطيون ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور ۾ رات 10 وڳي مارڪيٽس ۽ ريسٽورنٽس بند ڪرڻ جو حڪم

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ رات 10 وڳي شهر جون مارڪيٽون ۽ ريسٽورنٽس بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس شاهد ڪريم مختلف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت حڪم جاري ڪندي چيو تہ شهر جون سموريون مارڪيٽون رات 10 وڳي بند ڪيون وڃن ۽ جمعي ڏينهن اسڪول بند ڪيا وڃن. عدالت جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن جمعي ڏينهن اسڪول کليل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير پرويز الاهي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزيرامين الحق اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل بئنچ گم ٿيل 5 ماڻهن جي بازيابي جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ گم ٿيل 5 ماڻهن جي بازيابي جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. پوليس عدالت کي ٻڌايو تہ 3 گم ٿيل ماڻهن جي خبر پئجي وئي آهي. پوليس جي موجب صبغت الله، نياز ۽ عثمان مختلف ڪيسن ۾ عدالت گهرجن. عدالت 3 ماڻهن جي درخواستون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اتر وزيرستان ۾ آپگهاتي حملو، ٽي ڄڻا مارجي ويا، ڪيئي مرٽينگ

نتيجي ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا جڏهن ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن: ريسڪيو اهلڪار

لاش ۽ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

ميرانشا (م ڊ) اتر وزيرستان جي ضلعي ميرانشا ۾ آپگهاتي حملي جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا جڏهن تہ ڪيئي زخمي ٿي پيا آهن اتر وزيرستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

تاجڪ صدر پاڪستان پهچي ويو، وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات

ايئرپورٽ تي واپار واري وفاقي وزير نويد قمر تاجڪستان جي صدر جو استقبال ڪيو

وزيراعظم هائوس پهچڻ تي تاجڪ صدر امام علي رحمان کي گارڊ آف آنر ڏنو ويو

اسلام آباد (م ڊ) تاجڪ صدر امام علي رحمان ٻن ڏينهن جي دوري تي پاڪستان پهچي ويو آهي. ايئرپورٽ تي واپار واري وفاقي وزير نويد قمر تاجڪستان جي صدر جو استقبال ڪيو. جنهن کانپوءِ وزيراعظم هائوس پهچڻ تي تاجڪ صدر امام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: انسان دوست پارٽي جو چيئرمين منصور شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

سفارتخانن جي فنڊ ۽ ملازمن جي پگهارن لاءِ رقم جاري

ملڪ ۾ مالياتي گهوٽالي ۽ پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا گهٽ هئڻ ڪري ٽئين ڪوارٽر جا فنڊ ناڻي واري وزارت روڪيا هئا

پرڏيهي معاملن واري وزارت کي ٽئين تہ ماهي تائين ڪيترن ئي پاڪستاني سفارتخانن ۽ پرڏيهي مشنز لاءِ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن

اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) بہ ان مقصد لاءِ پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي فراهمي جي منظوري ڏني هئي: ناڻي واري وزارت

اسلام آباد (رپورٽر) دنيا جي مختلف ملڪن ۾ قائم پاڪستان جي سفارتخانن جا 4 مهينن کان روڪيل فنڊ ۽ ملازمن جو پگهارون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ملڪ ۾ مالياتي گهوٽالي ۽ پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا گهٽ هئڻ ڪري ٽئين ڪوارٽر جا فنڊ ناڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ عمران خان جا فوج ۽ عدليا کي الله جا واسطا

قومي اسيمبلي ميمبر ايوان ۾ وڃي ٻيهر استعيفائون ڏيندا جنهن کانپوءِ ستر سيٽن ۽ ملڪ اليڪشن جي موڊ ۾ هليو ويندو: عمران خان

جيڪڏهن ستر سيٽن ۽ ملڪ ۾ چونڊون ڪرائڻيون آهن تہ ان کان بهتر آهي تہ عام چونڊون ئي ڪرائي ڇڏيو: پي ٽي آءِ چيئرمين

شرم جوڳي طريقي سان وڏن ڌاڙيلن جا ڪيس ختم ڪيا پيا وڃن، اسان تباهي جي ڪنڌيءَ تي بيٺا آهيون، اسان جي معيشت تباهي ڏانهن وڃي رهي آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهہ ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي تہ هو 17 ڊسمبر تي پنجاب ۽ ڪي پي جي صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪندو. هن چيو تہ 17 ڊسمبر تي لبرٽي چوڪ تي تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ڀارت ملوث هجڻ جا ثبوت موجود آهن: حنا رباني

ڀارت خطي ۾ دهشتگردي لاءِ ڪيئي تنظيمن جي مالي مدد ڪندو رهيو آهي، عالمي برادري ڀارت جو احتساب ڪري

اڄ دنيا ۽ خطو مختلف چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي، افسوس آهي تہ اڄ اهڙي معاملي تي ڳالهائڻ لاءِ آيا آهيان

افسوس جوڳي ڳالهہ آهي تہ دهشتگردي ڪرائڻ وارو پاڻ کي دهشتگردي جو سڀ کان وڏو شڪار قرار ڏئي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) مملڪتي پرڏيهي وزير حنا رباني کر چيو آهي تہ ڀارت خطي ۾ دهشتگردي لاءِ ڪيئي تنظيمن جي مالي مدد ڪندو رهيو آهي ۽ ثبوت آهن تہ ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ملوث آهي تنهنڪري اسان سمجهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سان گورنر ڪامران ٽيسوري ملاقات ڪندي

آمريڪا ۾ پاڪستان جي ملڪيت واري اهم عمارت وڪڻڻ جي تياري

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ۾ پاڪستان جي ملڪيت واري اهم عمارت وڪڻڻ جون تياريون ڪيون ويون. آمريڪا ۾ وڪري لاءِ اها عمارت نارٿ ويسٽ واشنگٽن ڊي سي جي سڀ کان مهانگي علائقي ۾ واقع آهي. جيڪا 13 هزار چورس فوٽ کان بہ وڌيڪ ايراضيءَ تي قائم آهي. اڳوڻي آمريڪي صدر اوباما ۽ سنڌس ڌيءَ ايوانڪا جو بہ پاڪستاني عمارت پرسان گهر آهي. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عالمي مارڪيٽ ۾ گهٽتائي باوجود ملڪ ۾ سون مهانگو

عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي في اونس قيمت نو ڊالر لاٿ بعد 1808 ڊالرز في اونس ٿي وئي آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ لاٿ باوجود مقامي سطح تي في تولو سون سٺ رپيا واڌ بعد هڪ لک 68 هزار نو سئو رپيا ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي اگهن ۾ گهٽتائي باوجود مقامي گولڊ مارڪيٽ ۾ سون جي في تولي قيمت ۾ معمولي واڌ رڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پيپلز پارٽيءَ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي سنڌن روايت رهي آهي: مرتضيٰ وهاب

پيپلز پارٽي هڪ وفاق يونٽ آهي ۽ ادارن جي تقدس تي يقين رکي ٿي، اسان هميشہ قانون ۽ آئين جو رستو اختيار ڪيو آهي

آئين جي حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻ تي يقين رکون ٿا، اليڪشن ڪميشن پاران فريال ٽالپر جي بريت جو فيصلو پيپلز پارٽي جي اخلاقي فتح آهي

پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جي بنيادي تربيت ۾ قانون ۽ ادارن جو احترام ڪرڻ ضروري آهي: سنڌ حڪومت جو قانون وارو وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي قانون واري صلاحڪار ۽ ترجمان بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ پيپلز پارٽي وومين ونگ جي صدر ۽ گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر خلاف اليڪشن ڪميشن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستاني ماهرن جي ڪاميابي، خودڪار ميڊيا مانيٽرنگ سسٽم متعارف

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سائبر ۽ هائبرڊ جنگ جي ميدان کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، مصنوعي ذهانت سان هائي دفاعي مقصدن لاءِ ميڊيا مانيٽرنگ جا جديد طريقا متعارف ڪرايا ويا آهن. جنهن تحت پاڪستان جي آئي ٽي ماهرن هڪ اهڙو سافٽ ويئر تيار ڪيو آهي جيڪو دفاعي پيداوار جي مارڪيٽ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. نيشنل يونيورسٽي آف سائنس اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سنڌ جي قانون وارو صلاحڪار ۽ ترجمان بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

ايم سڪس موٽروي ميگا اسڪينڊل: جوابدار زوار شاهہ گرفتار

نيب سکر جي ٽيم فقير آباد ۾ ڪارروائي ڪري جوابدار زوار شاهہ کي گرفتار ڪري ورتو آهي

گرفتار ڪيل جوابدار زوار شاهہ مٽياري ضلعي ۾ موٽر وي اسڪينڊل جي جاچ لاءِ گهربل هو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايم سڪس موٽر وي ميگا اسڪينڊل جي جاچ لاءِ گهربل جوابدار زوار شاهہ گرفتار ٿي ويو. نيب سکر جي ٽيم فقير آباد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پوليس چادر ۽ چار ديواري جو تقدس پامال ڪندي گهر مٿان حملو ڪيو: اعجاز سامٽيو

اسان ان حوالي سان آءِ جي سنڌ ۽ محتسب اعليٰ کي پڻ درخواستون ڏئي چڪا آهيون

پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ گهر مان ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي نائب صدر اعجاز سامٽيو پاران ايس يو پي ضلع اوير ڪراچي جي اڳواڻ پورل بليدي جي گهر مٿان پوليس جي سرپرستي ۾ ٿيل ڪاهہ، ڦرلٽ ۽ هيسائڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پنهنجي جاري بيان ۾ اعجاز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٻہ سئو پنجهتر خطرناڪ ڌوهارين جي فهرست تيار، سنڌ سرڪار طرفان پنجاهہ ڪروڙ انعام جو اعلان

گهرو کاتي شڪارپور، گهوٽڪي، خيرپور، نوشهروفيروز، سانگهڙ، شهيد بينظير آباد، ڪراچي سميت مختلف ضلعن جي 275 ڌاڙيلن مٿان انعام رکي ڇڏيو آهي

شڪارپور ضلعي جي هڪ سئو 46 ڌاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو، ڪشمور ضلعي جي چوهٺ ڌاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو، گهوٽڪي ضلعي جي ٽيٽيهہ ڌاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي

نوشهروفيروز ضلعي جي ٽن ڌاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي، حڪومت طرفان شهيد بينظير آباد ضلعي ۾ هڪ ڌاڙيل ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ ٻارهن ڌاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار طرفان صوبي جي مختلف ضلعن جي ٻہ سئو پنجهتر ڌاڙيلن، ڦورن، دهشتگردن ۽ اشتهاري ڌوهارين مٿان مجموعي طور پنجاهہ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ انعام مقرر ڪيو ويو آهي. گهرو کاتي شڪارپور، گهوٽڪي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نيپرا ڪراچي واسين لاءِ بجلي اگهن ۾ ڦيرڦار ڪري ڇڏي

ڪي اليڪٽرڪ جي آڪٽوبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بہ رپيا 45 پئسا في يونٽ لاٿ جي منظوري ڏني وئي

ڪي اليڪٽرڪ هڪ رپيو 88 پئسا في يونٽ لاٿ جي درخواست ڪئي هئي، نيپرا 30 نومبر 2022ع تي ايف سي اي تي عوامي ٻڌڻي ڪئي

لائيف لائين واهپيدارن، ٽي سئو يونٽ تائين گهريلو واهپيدارن، زرعي واهپيدارن ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشنز تي لاڳو نہ هوندو

ڪراچي (م ڊ) نيپرا ڪراچي لاءِ بجلي اگهن ۾ ٻہ رپيا 45 پئسا في يونٽ لاٿ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نيپرا طرفان جاري ڪيل پڌرنامي موجب ڪي اليڪٽرڪ جي آڪٽوبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بہ رپيا 45 پئسا في يونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لاهور: صحت بابت صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي

وفاقي سرڪار طرفان وزيراعظم ليپ ٽاپ پروگرام ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان

سرڪار پاران نوجوانن کي 15 لک رپين تائين قرض ڏيڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو آهي: معاون خصوصي

اسلام آباد ۾ وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ معاون خصوصي شيزا فاطمہ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي

هلندڙ سال هڪ لک ليپ ٽاپ ڏنا ويندا، وزيراعظم شهباز شريف نوجوانن ۾ ليپ ٽاپ ورهائيندو: شيزا فاطمہ

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي سرڪار طرفان وزيراعظم ليپ ٽاپ پروگرام ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، وفاقي سرڪار پاران نوجوانن کي 15 لک رپين تائين قرض ڏيڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو آهي. اسلام آباد ۾ وفاقي وزير مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڊي جي کي صوبي ۾ کير ۽ شوگر سميت بنيادي ضرورتن جي قيمتن جو تعين ڪرڻ جو اختيار هوندو

عدالت رٽيلرز ۽ کير وڪرو ڪندي سميت درخواستگذارن جي غير حاضري تي عدالت سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

جيڪا درخواستگذار عدالتي ڪارروائي ۾ شريڪ نٿا ٿين جو نالو فهرست مان خارج ڪري ڇڏيو: عدالت جا ريمارڪس

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي اسسٽنٽ اٽارني جنرل کان درخواست ٻڌڻي جي قابل آهي يا نہ آهي دليل طلب ڪري ورتا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ کير جي قيمتن ۾ اضافي جي خلاف درخواستن جي ٻڌڻي دوران حڪومت سنڌ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر جنرل بيورو آف سپلائي اينڊ پرائسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پنجاب حڪومت جي ترجمان مسرت جمشيد چيمہ پريس ڪانفرنس ڪندي

چيني فوج سان جهڙپن ۾ ڪو بہ فوجي مئو ناهي: ڀارت

ممبئي (م ڊ) ڀارت جي بچاءَ واري وزير راج ناٿ سنگهہ دعويٰ ڪئي آهي تہ سرحد تي چيني ۽ ڀارتي فوجين جي جهڙپن ۾ اسان جو ڪو بہ فوجي نہ سخت زخمي ٿيو آهي نہ ئي مارجي ويو آهي. ڀارتي ميڊيا موجب چيني ۽ ڀارتي فوج وچ ۾ لائين آف ايڪچوئل تي ٿيل جهڙپ تي ڳالهائيندي پارليامينٽ خيالن جو اظهار ڪندي رڄ ناٿ سنگهہ چيو تہ گذريل ڏينهن پيش آيل واقعي ۾ ڪو بہ ڀارتي فوجي گهڻو زخمي بہ ناهي ٿيو ۽ نہ ئي ڪنهن فوجي جي مارجڻ جو واقعو پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ: کير وڪرو ڪندڙن کي نوٽيس جاري

ڊائريڪٽر جنرل بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز جي مقرري جو نوٽيفڪيشن پيش ڪيو ويو

درخواست ٻڌڻي جوڳي ناهي، عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي درخواست ٻڌڻي جوڳي هجڻ تي دليل طلب ڪري ورتا

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ کير جي اگهن ۾ هٽ ٺوڪي واڌ بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ حڪومت درخواست تي جواب جمع ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

گم ٿيل ماڻهن بابت ڪيس: ٽن ڄڻن جو پتو لڳايو ويو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پنج گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي

پوليس ٽن ڄڻن جو پتو لڳائيندي رپورٽ پيش ڪندي عدالت کي آگاهہ ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران پوليس رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گڙدا وڪرو ڪرڻ جي خواهشمند ناريءَ سان 3 ڪروڙن جو فراڊ

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي رياست آنڌرا پرديش ۾ گردا وڪرو ڪري 2 ڪروڙ ڪمائڻ واري جوڪري سائبر ڪرائم جو شڪار ٿي رقم هٿان وڃائي ويٺي. رپورٽ موجب متاثرہ ناري پوليس کي ٻڌايو آهي تہ سنڌس ملاقات سوشل ميڊيا تي پروين راج نالي عورت سان ٿي جنهن گڙدا 3 ڪروڙ رپين ۾ ڏيڻ جي پاليسي ۽ ٽيڪس ۾ ان کان 16 لک گهريا هئا. پوليس کي شڪايت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ معاون خصوصي شيزا فاطمہ پريس ڪانفرنس ڪندي

ايس ايس پي نوشهروفيروز جي هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون

09 جوابدار گرفتار، چرس، شراب، نقصانڪار گٽڪو ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي

1400 گرام چرس هٿ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو

240 گرام چرس هٿ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن. 09 جوابدار گرفتار، چرس، شراب، نقصانڪار گٽڪو ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهرو فيروز: پوليس پاران مختلف ڪاروائين ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري حراست ۾ بيٺل آهن

ٽنڊو ڪوٽ ۾ سماجي اڳواڻن پاران متاثر ٿيل تعلقي جهڏي پهچي متاثرين سان ملاقات

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) زاهد حسين چم ويلفيئر فائونڊيشن جي چيئرپرسن قمر چم برساتن ۽ سيلاب سبب ضلع ميرپورخاص جي سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل تعلقي جهڏي پهچي متاثرين سان ملاقات ڪئي عورتن ۽ ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا، ڪمبل، رزايون ورهايا. انهي موقعي تي قمر چم متاثر عورتن سان ڳالهائيندي چيو ته اسين وس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

لاڙڪاڻي ۾ رهبر تحريڪ طرفان قمبر جي ٻوڏ متاثرن سان ڳنڍجي واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن پاران واهر نه ٿيڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سجاد احمد چانڊيو، سينيئر نائب صدر عبدالمجيد مگسي، غلام عباس چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ رهبر تحريڪ سنڌ طرفان قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثرن سان ڳنڍجي واهر نه ٿيڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن هٿن ۾ تنظيمي جهنڊا کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين سجاد احمد چانڊيو، سينيئر نائب صدر عبدالمجيد مگسي، غلام عباس چانڊيو، مولانا سلطان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

واره سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي ڪارڪنن پاران احتجاجي ريلي، مظاهرو

جاگيرداري مرده آباد، هاري زنده آباد، نوان صوبا ڪميٽي نامنظور جي نعرن سان ريلي ڪڍي وئي

زمينن تي قبضا نامنظور، هاري جاڳيا هاري ڙي، ٻج وڏيرا ڀاڙي ڙي جي نعرن سان واره شهر گونجي اٿيو

زمينون هارين ۾ ورهايون وڃن، ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي واره ۾ ريلي ڪڍي وئي جاگيرداري نظام ختم ڪري، زمينون هارين ۾ ورهايون وڃن / اڳواڻ/ جاگيرداري مرده آباد، هاري زنده آباد، نوان صوبا ڪميٽي نامنظور، سنڌ جي زمينن تي قبضا نامنظور، هاري جاڳيا هاري ڙي، ٻج وڏيرا ڀاڙي ڙي جي نعرن سان واره شهر گونجي اٿيو سنڌي هاري تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڳوٺ گورگيج ۾ انتظاميه جي نااهلي سبب سردي وگهي پيرسن فوت

ڳوٺ گورگيج ۾ انتظاميه جي نا اهلي سبب سردي وگهي پيرسن محمد يعقوب گورگيج اڄ صبح لاڏاڻو ڪري ويو سڄي ڳوٺ ۾ هن وقت به ڪافي گهراڻا موجود آهن جن جي هن وقت تائين ڪنهن به سار نه لڌي نه ئي ڪنهن چونڊيل نمائندي هنن مظلوم ماڻهن جي سار لڌي ياد رهي ته ٻوڏ کان پوءِ ڳوٺ گورگيج ۾ هن وقت تائين 16 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن

واره: سنڌي هاري تحريڪ جا ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ پوليس سياسي مخالفن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ ۾ مصروف آهي: حليم عادل شيخ

پوليس ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ شريف شهرين جي ڪڍ پئجي وئي آهي

صوبي جي بگڙندڙ صورتحال سبب آءِ جي سنڌ جي بي عزتي پئي ٿي، قرض وڌي ويو آهي

سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ ڪيس داخل ڪري سنڌ واسين جو ڪنڌ شرم کان جهڪجي ويو

سکر (رپورٽر) پي ٽي آءِ حليم عادل شيخ چيو آهي ته سنڌ پوليس صوبي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ بجاءِ سياسي مخالفن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ ۾ مصروف آهي پوليس ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ شريف شهرين جي ڪڍ پئجي وئي صوبي جي بگڙندڙ صورتحال سبب آءِ جي سنڌ جي بي عزتي پئي ٿي پيرسن سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن تي پوليس پاران تشدد خلاف احتجاج

تشدد ڪرڻ ۽ مرڪزي اڳواڻ سميت استادن کي ڪنيي ڪٽي وڃڻ واري عمل خلاف مورو ۾ احتجاج

وڪيل چانڊيو، راشد علي ملڪ، راشد ميمڻ، امان الله سولنگي، غلام مرتضي، غلام رسول مظاهرو ڪيو

آرڊر ڏئي گرفتار اڳواڻ ۽ استادن کي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪري چانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

مورو (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن تي پوليس پاران تشدد ڪرڻ ۽ مرڪزي اڳواڻ سميت استادن کي ڪنيي ڪٽي وڃڻ واري عمل خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي وڪيل چانڊيو، راشد علي ملڪ، راشد ميمڻ، امان الله سولنگي، غلام مرتضي، غلام رسول، شاهنواز زرداري، منير احمد، غلام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڪرنڊ رائيزنگ اسٽار اسڪولنگ سسٽم ۾ ايڪتا جو ڏهاڙو ملهايو ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) رائيزنگ اسٽار اسڪولنگ سسٽم سڪرنڊ ۾ ايڪتا جو ڏهاڙو انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو استاد ۽ شاگرد سنڌ جي روايتي لباس جي رنگن ۾ رنگجي ويا. شاگرد راهول اوڊ، سيف الله جمالي، سڪندر لاکو، ديا، ماه جبين، فهد جمالي ۽ حميد گدارو پنهنجين تقريرن ۽ ٽيبلوز ۾ شاندار نمونو ايڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مورو: اين ٽي ايس پاس استادن تي پوليس پاران تشدد خلاف احتجاج اميدوارن جو احتجاج

لاڙڪاڻي شهر جي غوث پور محلا جي رهواسي بيروزگار نوجوان پاران احتجاجي مظاهرو

معراج عباسي فوتي ڪوٽا تحت نوڪري نه ڏيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

منهنجي امڙ زرينه بيگم تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر هئي جيڪا 2015 ۾ فوت ٿي: نوجوان

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي غوث پور محلا جي رهواسي بيروزگار نوجوان معراج عباسي تعليم کاتي ۾ فوتي ڪوٽا تحت نوڪري نه ڏيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن ٻڌايو ته منهنجي امڙ زرينه بيگم تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر هئي جيڪا سال 2015 جي 6 فيبروري جي ڏينهن باقرائي تعلقي جي اسڪول ۾ ڊيوٽي دوران فوت ٿي هئي جنهن کان بعد مون تعليم کاتي ۾ فوتي ڪوٽا تحت نوڪري لاءِ درخواست ڏني ان تي چيف سيڪريٽري سال 2019 دوران ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سنجرچانگ ڪيري موري يوسي غازي خان چانگ ۾ ڪريم بخش دل پ پ ۾ شامل

ڪريم بخش دل هاليپوٽا گروپ کي الوداع ڪري اڳوڻو ضلعي ناظم تي اعتماد جو اظهار ڪيو

اڳواڻ ڪريم بخش دل جدوجهد جي حامي پري ۽ سردار ڪمال خان چانگ سان هر وقت سات جو عزم ڪيو

عبدالڪريم دل جي راڄوٽي سياسي اتحاد سان اهم ملاقات حيدر آباد چانگ هائوس تي ڪئي وئي

تنڊوالهيار (رپورٽر) تنڊوالهيار لڳ سنجرچانگ ڪيري موري يوسي غازي خان چانگ تعلقو ماتلي ۾ هڪڙو وڏو سياسي ڌماڪو اڳوڻو هاڻوڪو نامزد ميمبر يوسي غازي خان چانگ جو ڪريم بخش دل هاليپوٽا گروپ کي الوداع ڪري اڳوڻو ضلعي ناظم بدين اي ايم اين بدين سردار ڪمال خان چانگ تي اعتماد ڪندي چانگ گروپ ۾ شموليت ڪري ڇڏي اڳوڻو يوسي غازي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪنڊيارو ۾ اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو، NTS ٽيسٽ پاس احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ قائد جي گرفتاري خلاف NTS ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران ڪنڊيارو ۾ عوامي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي عمران قريشي ۽ عبدالرشيد ڳوپانگ ڪئي جنهن ۾ مسعود ميمڻ عثمان ملاح حزب الله هيسباڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

تنڊوالهيار: سنجرچانگ ڪيري موري يوسي غازي خان چانگ ۾ ڪريم بخش دل پ پ ۾ شامل

سکر ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ گئس جي فراهمي بند

ٽين وڏي تاريخي شهر سکر ۾ سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي سئي سدرن جو آزار وڌي ويو

قريشي ڳوٺ، ريس ڪورس روڊ، مينارا روڊ، شاليمار، ڪوئنس روڊ، ميائي روڊ ۽ گئس جي فراهمي معطل

مولانا عبيدالله ڀٽو، سيد عمران علي شاه، حبيب انصاري ۽ ٻين پاران ميڊيا جي نمائندن آڏو احتجاج رڪارڊ

سکر (رپورٽر) سکر شهر ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ گئس جي فراهمي بند، شهري روڊن تي نڪري آيا. تفصيل موجب سنڌ جي ٽين وڏي تاريخي شهر سکر ۾ سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي سئي سدرن گئس ڪمپني انتظاميا جي نااهلي سبب گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو وڌي ويو آهي. ان ڏس ۾ سکر شهر جي پرانو سکر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڏڙو ۾ ڏائڻ اُرڙي جا هاجا، اُرڙي وگهي ٻارڙو تڙپي تڙپي فوت، گهر ۾ ڪهرام

اُرڙي وگهي ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو شبير پٽ عاشق علي ملاح فوت ٿي ويو

صحت کاتي جي لاپرواهي سبب ٻارڙن جون حياتيون داءَ تي لڳل، ڳوٺاڻن پاران احتجاج

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ ڏائڻ اُرڙي جا هاجا، اُرڙي وگهي ٻارڙو تڙپي تڙپي فوت، صحت کاتي جي نااهلي سبب ڪيترائي ماڻهو اُرڙي ۾ مبتلا. ڏڙي ويجهو مختلف ڳوٺن ۾ اُرڙي تيزي سان پکڙجڻ لڳي، ڪيترائي معصوم ٻار بيماري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مانجهند ٿاڻي جي حد ۾ چورن جو راڄ لاڪا بازار ۾ دڪان کي ڪاٽ

لکين روپين جي چوري انتظاميا بي وس احتجاج جو چتاءُ ڏنو ويو آهي

ايس يو پي اڳواڻ علي نواز ڪنڀر سيد اعظم شاه اصغر ميمڻ پاران احتجاج

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ٿاڻي جي حد ۾ چورن جو راڄ لاڪا بازار ۾ دڪان کي ڪاٽ لکين روپين جي چوري انتظاميا بي وس احتجاج جو چتاءُ مانجهند ٿاڻي جي حد چورن لاءِ جنت بڻجي وئي لاڪا شهر ۾ چوڪيدار مقرر هئڻ باوجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مانجهند: چورن لاڪا بازار ۾ دڪان کي ڪاٽ ڳائي ڇڏيو

ٽنڊو باگو ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، چورين موٽر سائيڪلن جون ڦرون معمول

واپارين علي غلام ملاح ۽ علي حسن کان نامعلوم هٿياربندن پاران ڦر ڪئي وئي

خليفو قاسم جي صحافي احسان چانڊيو جي ٽنڊو باگو واري گهر مان موبائيل فون چوري

ٽنڊو باگو (رپورٽ:- سهيل سمون) ٽنڊو باگو ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، چورين موٽر سائيڪلن جون ڦرون روز جو معمول بڻيل، ٻن ڏينهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سڄاول ۾ ٽائون ڪميٽي اڳيان بک هڙتال تي ويٺل ٺيڪيدار وٽ اڳواڻ پهچي ويا

غلام علي مگسي ۽ ايس ٽي پي ضلع سڄاول جو اڳواڻ عبدالواحد خاصخيلي پهتا

ٺيڪيدار عثمان لوڻيو ٻارن ٻچن سميت مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪئمپ لڳائي ويٺو

سڄاول (ڊر) سڄاول ۾ 18 ڏينهن کان ٽائون ڪميٽي اڳيان بک هڙتال تي ويٺل ٺيڪيدار عثمان لوڻيو جي ڪئمپ تي ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي جو پاءُ غلام علي مگسي ۽ ايس ٽي پي ضلع سڄاول جو اڳواڻ عبدالواحد خاصخيلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سيتارجا شهر جي رهواسين عورتن جو ٻاٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ٻاٿر عبداللطيف لنڊ وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

مسمات رحيمان چوهاڻ جو صحافين آڏو دانهون اسان سان انصاف ڪيو وڃي

سيتارجا (الطاف حسين پٽو) سيتارجا شهر جي رهواسين عورتن جو احتجاجي مظاهرو، ٻاٿر عبداللطيف لنڊ وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سيتارجا: شهر جون رهواسڻ عورتون ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

سرحد ۾ سماجي تنظيم پاران سوين مستحقن ۾ سردي جا گرم ڪپڙا ۽ بسترا تقسيم

ملڪ فلاحي جماعت سکر پاران سماجي اڳواڻ چيف احمد علي ملڪ پاران سهائتا جاري

غريب ڳوٺاڻن ۾ گرم ڪپڙا، ڪمبل ۽ سوڙون، وهاڻا ٿوڙي ٻيو سامان ورهايو ويو

سرحد (رپورٽرغلام عباس مهر) سرحد ۾ سماجي تنظيم پاران سوين مستحقن ۾ سردي جا گرم ڪپڙا ۽ بسترا ورهايا ويا. خبرموجب سرحد ۾ سماجي تنظيم ينگ ملڪ اتحاد ۽ ملڪ فلاحي جماعت سکر پاران سماجي اڳواڻ چيف احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

واره ٻوڏ متاثر انسانن ۽ مال مويشي جي کاڌ خوراڪ من پسند کي ملڻ خلاف احتجاج

ڪرپشن خلاف سماجي اڳواڻ نياز حيدري طرفان تعلقه پريس ڪلب واره اڳيان احتجاج

ٻوڏ سبب ماڻهن جو سمورو سامان ٻڏي لڙهي ويو آهي: سماجي اڳواڻ نياز حيدري جون ڳالهيون

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره ٻوڏ متاثر انسانن ۽ مال مويشي جي کاڌ خوراڪ من پسند کي ملڻ ۽ ڪيل ڪرپشن خلاف سماجي اڳواڻ نياز حيدري طرفان تعلقه پريس ڪلب واره اڳيان احتجاج، سماجي تنظيم انسانيت ويلفيئر ايسوسيئيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

واره: هڪ ٻوڏ متاثر سهائتا نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

غوثپور ٿاڻي جي حد ڏڙي شاخ پل وٽ لاوارث حالت ۾ مليل ڪار جي مالڪن جي تصديق

مالڪ جي سڃاڻپ لاڙڪاڻي واسي ٽيڪسي ڊرائيور زاهد حسين عمراڻي طور ڪئي وئي

غوثپور ٿاڻي جو وڏو منشي عبدالمجيد ميراڻي پنهنجي ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پوليس ٿاڻي جي حد ڏڙي شاخ پل وٽ لاوارث حالت ۾ مليل مهراڻ ڪار جي تصديق ٿي وئي آهي ڪار جي مالڪ جي سڃاڻپ لاڙڪاڻي واسي ٽيڪسي ڊرائيور زاهد حسين عمراڻي طور ڪئي وئي آهي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

اعجاز جکراڻي ڪرپشن نيب ڪيس ۾ شاهد هجڻ سبب ڦاٿلاٿو ڪرايون: مليحا سومرو

نيب عدالت سکر ۾ آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ واري نيب ريفرنس ۾ شاهد آهيان

اعجاز جکراڻي برسات متاثرين جي آيل فنڊن ۾ چاليهه ارب روپين جون گهوٻيون هنيون آهن

سکر (رپورٽر) اڳوڻي وفاقي وزير محمد ميان سومرو جي ڌيءُ مليحا سومرو چيو آهي ته اعجاز جکراڻي جي ڪرپشن نيب ڪيس ۾ شاهد هجڻ سبب مٿس ڦاٿلاٿو ڪرايو نيب عدالت سکر ۾ آمدن کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ واري نيب ريفرنس ۾ شاهد آهيان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گورنمينٽ بوائز هائير سڪنڊري اسڪول سيتارو ڊ ۾ مڊ ٽرم پيپر هلندڙ

اسڪول سيتارو ڊ جي نااهل ۽ بداخلاق پرنسيپال الياس ابڙو خلاف نعرا هڻي احتجاج

الياس ابڙو کي فوري طور هٽائي فيميل پرنسيپال مقرر ڪري تعليم کي بچايو وڃي: مظاهرين

خيرپور ناٿن شاهه (برڪت علي چانڊيو) گورنمينٽ بوائز هائير سڪنڊري اسڪول سيتارو ڊ ۾ مڊ ٽرم پيپر ٿيڻ کان پوءِ ڳستا يونٽ جي عهديدارن ۽ ميمبر استادن ٻانهن ۾ ڪارايون پٽيون ٻڌي گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

خيرپور ناٿن شاهه: سيتارو ڊ اسڪول جي بداخلاق پرنسيپال الياس ابڙو خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو نه اچڻ خلاف ڊاڪٽرن پاران احتجاجي مظاهرو

احتجاج ۾ ڊاڪٽر امان الله سهرياڻي، ڊاڪٽر خالد حسين پٽو، حضور بخش سومرو شريڪ

اسان جي شهر ڪنڌڪوٽ جو امن امان ڪافي ڏينهن کان وٺي خراب بڻجي ويو آهي: مظاهرين

موٽر سائيڪل چاهي چورن خلاف ڪاروائي ڪري ڪنڌڪوٽ شهر ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو نه اچڻ خلاف ڊاڪٽرن پاران ڪنڌڪوٽ جي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ڪنڌڪوٽ جي امن امان بحال نه ٿيڻ خلاف ڊاڪٽرن احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڌڪوٽ: ڊاڪٽرن پاران بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پول اي مان شهيد بينظيرآباد ۽ پشاور جڏهن ته پول بي ۾ لاهور ۽ مردان جي ٽيمن مقابلا کٽيا

نواب شاه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي ميزباني هيٺ آل پاڪستان انٽربورڊ ٽگ آف وار چئمپيئن شپ 2022 جا شاندار مقابلا اڄ بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ ٿي گذريا جنهن ۾ ملڪ جي مختلف تعليمي بورڊن جي 8 ٽيمن حصو ورتو ٽگ آف وار جي مقابلن ۾ پول اي مان شهيد بينظيرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ وڏو وزير سيد مراد علي شاه پنهنجي چونڊ تڪ جي دوري تي پهتو

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد نديم الرحمان ميمڻ ۽ ڊي آءِ جي سيد پير محمد شاه استقبال ڪيو

جعفرآباد ۽ ٻوبڪ جي دوري لاءِ روانو يوسي جعفرآباد ۽ ٻوبڪ جي ٻوڏ متاثر ڳوٺن جو دورو ڪيو

ڀان سيد آباد ويجهو گورنمينٽ اسڪول دوست محمد روڊناڻي جي جي زبون حال عمارت جو دورو ڪيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سنڌ وڏو وزير سيد مراد علي شاه پنهنجي چونڊ تڪ جي دوري تي شهباز ايئرپورٽ تي پهتو سندس دوري وقت ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد نديم الرحمان ميمڻ ۽ ڊي آءِ جي سيد پير محمد شاه سميت ٻين آفيسرن سندس استقبال ڪيو وڏي وزير سيد مراد علي شاه ايئرپورٽ کان يوسي جعفرآباد ۽ ٻوبڪ جي دوري لاءِ روانو يوسي جعفرآباد ۽ ٻوبڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهر جا مسئلا جلد حل ڪيا وڃن، ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: عابد خان سندراڻي

شهر اندر صفائي، گٽرن جا ڍڪڻ، ڊورن جو آزار، اسٽريٽ لائٽ جو وڏو مسئلو آهي: ايم پي اي

ڪنڌڪوٽ اسان جو حصو آهي ضلعي اندر لائبريري ڊئلاسسز ۽ ٻيون سهولتون موجود آهي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) ڪنڌڪوٽ شهر جا مسئلا جلد حل ڪيا وڃن شهر جي مسئلن جي حل لاءِ سخت قدم کنيا وڃن پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي مير غلام عابد خان سندراڻي شهر اندر صفائي، گٽرن جا ڍڪڻ، ڊورن جو آزار، اسٽريٽ لائٽ جو وڏو مسئلو آهي جنهن کي جلد حل ڪيو وڃي. ايم پي اي جي ڪامورن کي سخت هدايتون. ڊپٽي ڪمشنر آفيس اندر پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

غوثپور: ايم پي اي مير غلام عابد خان سندراڻي ۽ ٻين پاران ڪچهري

ايس ايڇ او سڪرنڊ جو ڏوهارين خلاف سخت آپريشن، چڙهايون ڪري هڪ جوابدار گرفتار

سڪرنڊ (رپورٽر) ايس ايڇ او سڪرنڊ جو ڏوهارين خلاف سخت آپريشن ٻن الڳ الڳ ڳوٺن تي چڙهايون ڪري هڪ جوابدار گرفتار ٻيو فرار منشيات هٿ پهريون چاهو ڳوٺ صاحب خان جلالاڻي ۾ هنيو جتي جوابدار صلاح الدين عرف بلوچو پٽ جلالاڻي فرار ٿي ويو جڏهن ته وٽائنس هڪ سو مين پڙيون هٿ ڪري مٿس ڏوهه نمبر 252 / 2022/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

وڏي وزير مراد علي شاه پاران ڪڪڙ ۽ ڪي اين شاه ۾ پهچڻ جا امڪان

ٻوڏ متاثرن علائقن جو دورو ڪندو تباه ٿيل جوهي بئراج جي پل جو جائزو وٺندو

نوري آباد سانحي ۾ باه ۾ سڙي ويل 19 ڄڻن فوت دوران وارثن سان تعزيت ڪندو

سيڪورٽي انتظام سان گڏوگڏ صفائي انتظام سخت ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن

ڪڪڙ (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاه پاران ڪڪڙ ۽ ڪي اين شاه ۾ پهچڻ جا امڪان ٻوڏ متاثرن علائقن جو دورو ڪندو تباه ٿيل جوهي بئراج جي پل جو جائزو وٺندو نوري آباد سانحي ۾ باه ۾ سڙي ويل 19 ڄڻن فوت دوران وارثن سان تعزيت ڪندو خبر موجب سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاه اڄ خميس ڏينهن ڪڪڙ ۽ ڪي اين شاه ۾ پهچڻ جا امڪان آهن شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شهيد بينظيرآباد ۾ ڪرائم ميٽنگ اجلاس جي صدارت، منشيات خلاف ڪارروائي جو حڪم

عبدالقيوم پتافي، ايس ايس پي نوابشاه ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سعود امير مگسي شرڪت ڪئي

جوابدارن جي گرفتاري کي يقيني بڻائين ۽ مفرور جوابدارن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

گاڏين کي ڇڳي ريت سنڀاليو وڃي ۽ روڊن تي ايندڙ گاڏين کي جلد کان جلد هٽايو وڃي: ڊي آءِ جي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) رينج آفيس شهيد بينظيرآباد ۾ ڪرائم ميٽنگ اجلاس جي صدارت ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو ڪئي. اجلاس ۾ رينج جي ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز، ايس ايس پي سانگهڙ بشير احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز: شهيد بينظيرآباد ۾ ڪرائم ميٽنگ اجلاس ٿي گذريو

لاڙڪاڻي شهر جي سچل ٿاڻي جي حد بختاور ڀٽو پارڪ وٽ ميل نرس کان ڦرلٽ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي سچل ٿاڻي جي حد بختاور ڀٽو پارڪ وٽ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن پنڊ ويندڙ چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي جي ميل نرس صفيع الله بگٽي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي نقد موبائيل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اطلاع باوجود پوليس نه پهتي بعد ۾ ميل نرس ٿاڻي تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڊرائيورن کي وقت سر پگهارون نه ملڻ، احتجاج

ڊرائيورن کي وقت سر پگهارون ۽ سهولتون نه ملڻ خلاف ڊرائيورن ڪم ڇڏ هڙتال گيٽ جي اندر احتجاج

ڪم ڪندڙ پورهيتن کي سهوليتون نه ڏيڻ ٿوڙي پگهارن لاءِ دربدر ڪيو پيو وڃي: مظاهرين جون دانهون

انتظاميه اسان جي اڳواڻي ڪندڙ غلام مهراڻپوٽو ۽ هڪ ٻي ڊرائيور کي نوڪري مان ڪڍڻ جي ڌمڪي ڏني

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڊرائيورن کي وقت سر پگهارون ۽ سهوليتون نه ملڻ خلاف ڊرائيورن ڪم ڇڏ هڙتال گيٽ جي اندر احتجاج، ٻه ڊرائيور بيهوش اسپتال داخل تفصيل موجب: ٽرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين جون مقامي پورهيتن سان مبينا زيادتيون جاري آهن. ڪم ڪندڙ پورهيتن کي سهوليتون نه ڏيڻ ٿوڙي پگهارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي ميزباني هيٺ انٽربورڊ ٽگ آف وار چئمپيئن شپ شروع

ٻن ڏينهن وارا راندين جا شاندار مقابلا بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس نواب شاه ۾ شروع ٿي ويا

عبدالعليم لاشاري ۽ تعليمي بورڊ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد فاروق حسن شاه پاران شرڪت

انٽر بورڊ ٽگ آف وار چئمپيئن شپ جي راندين جا شاندار مقابلا منعقد ڪرايا پيا وڃن: عبدالعليم لاشاري

نواب شاه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي ميزباني هيٺ آل پاڪستان انٽربورڊ ٽگ آف وار چئمپيئن شپ 2022 جي ٻن ڏينهن وارا راندين جا شاندار مقابلا بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس نواب شاه ۾ اڄ کان شروع ٿي ويا جنهن جو افتتاح ڪمشنرشهيد بينظيرآباد ڊويزن عبدالعليم لاشاري ۽ تعليمي بورڊ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوابشاه: تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي ميزباني هيٺ انٽربورڊ ٽگ آف وار چئمپيئن شپ شروع

ڪنڊيارو تعلقه ٻار جي ڪامياب عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو، ساڃاهه وند شريڪ

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو تعلقه ٻار جي ڪامياب عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو، وڪيل برادري سميت سياسي سماجي شخصيتون شريڪ، صوفي راڳ جي محفل منعقد خبر موجب ڪنڊيارو تعلقه ٻار جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيندڙ عهديدارن جي مان ۾ ايڊووڪيٽ فقير الطاف حسين هيسباڻي پاران مان ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

3 سالن کان وٺي اسان سان مسلسل زيادتيون ڪيون پيون وڃن: علي رضا عرف جاني شاه

پاڙيسري ملڪ جي چوڻ تي سنڌ حڪومت منهنجي مٿان عليحدگي پسند جماعت جو الزام هنيو

منهنجو نالو فورٿ شيڊيول ۾ وڌو آهي، اهڙو مسئلو ٽيڻ کان پوءِ اسان سنڌ جي گهرو کاتي سان رابطو ڪيو

اسان جي جماعت 14 آگسٽ، يوم ڪشمير سميت ملڪ جو هر خاص ڏينهن ملهائيندي آهي: ڪاشف علي شاه

لاڙڪاڻو (رپورٽر) مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سنڌ جي سربراه سيد علي رضا عرف جاني شاه تنظيم جي ٻين عهديدارن ايڊووڪيٽ سيد ڪاشف علي شاه، سيد زين العابدين شاه، سيد آصف شاه، سيد ذڪي رضوي، وسيم خانزاده، سيد شبير شاه، افتخار حسين، امير زرداري، علامه سفير ڪربلائي، محمد اسلم وسيم ڪوڪر، علامه ممتاز سومرو ۽ ٻين سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 15 ڊسمبر 2022 ع

سرحدن تي چڪتاڻ ۽ حملا مڪمل بند ڪرايا وڃن

هيستائين اسان ٻڌندا پيا اچون ته اسان جو ملڪ اهڙي هنڌ واقع آهي جو ان جي اهميت دنيا ۾ پنهنجو پاڻ ئي ٿي ويندي آهي ۽ دنيا جي ڪا به طاقت هجي اها اسان جي ملڪ ۽ ان جي اهميت کي ڪنهن به ريت نظرانداز ڪري نه ٿي سگهي. ان جي بنياد تي ئي اسان جي ملڪ جي حڪومتن ايتريون ته پاليسيون ٺاهيون ۽ ختم ڪيون آهن جو جيئن ٽيڪ اهي پاليسيون اڄ تبديل ڪري انهن کان مڪمل طور تي يوٽرن ورتو ويو آهي پر انهن جا ناڪاري اثر پڻ اڄا تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون. چاهي اها پاليسي ٻولي جي معاملي تي هجي، پرڏيهي پاليسي هجي، داخلي پاليسيون هجن يا وري معاشي پاليسيون هجن. اسان جي پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي اسان سدائين داخلي توڙي خارجي سطح تي ڪيش ڪرائيندا رهيا آهيون. پر هن وقت حقيقت اها آهي ته اسان جي سرحد ٽن پاسن کان ڪنڊيدار تارن جي لوڙهي سان واڙيل آهي. ڀارت ۽ ايران پاڻ سرحدن تي تارون لڳايون آهي جڏهن ته افغانستان جي سرحد تي وري اسان جي پنهنجي حڪومتن تارون لڳايون آهن. انهن تارن جو مقصد رڳو امن جو قيام آهي پر افسوس آهي جو انهن تارن جي ڪري به اسان امن حاصل ڪري نه سگهيا آهيون. ڀارت ۽ ايران جي سرحدن تي ته گهٽ پر افغانستان جي سرحد تي تمام گهڻي گڙٻڙ هلي رهي آهي. اها گڙٻڙ ان جي باوجود آهي جو اتي هاڻ انهن طالبان جي حڪومت آهي جن جي باري ۾ اسان جي پاليسي رهي آهي ته اهي اسان جا ئي ٻار آهن. هاڻ اهي ٻار به اسان کي اکيون ڏيکاري رهيا آهن. افغان سرحد تي ٿيل چڪرين جا انگ اکر ۽ تفصيل حڪومت پاڻ پيش ڪيا آهن. وفاقي حڪومت قومي اسيمبلي کي آگاهي ڏني آهي ته چمن واقعو سرحدي تارن جي مرمت سبب پيش آيو. افغان حڪومت غلطي تسليم ڪري معافي وٺي ڇڏي آهي. دفاع واري وزير خواجا آصف چيو ته چمن واقعو تار وڇائڻ ۽ مرمت سبب پيش آيو. پهريان گڏيل ٻطرفي ڪاميٽي ۾ اهو مامرو پيش ٿيڻ گهرجي، افغان فورسز ڳرن هٿيارن سان فائرنگ ڪئي، جنهن سان 7 شهري شهيد ٿيا. اسان جي فورسز انهن جي فوجي چوڪين تي فائرنگ ڪئي، ٻطرفن رابطن ۾ افغان حڪومت واقعي تي غلطي تسليم ڪئي، واقعي ۾ ڄاڻي واڻي يا حڪومتي پلاننگ جو ڪو ثبوت نه مليو آهي. اهو مامرو وقت سر نبري ويو. افغان حڪومت معافي به ورتي آهي. هن چيو ته افغانستان جا اندروني مسئلا پاڪستان تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. دنيا افغان حڪومت کي تسليم ڪري ۽ انهن جا روڪيل پيسا واپس ڪري.

هاڻ ڏسو ته اسان طالبان جي نه رڳو وڪالت ڪري رهيا آهيون پر اسان انهن جو ڪيس به وڙهي رهيا آهيون. پر ان جي جواب ۾ اسان کي ڇا ملي رهيو آهي؟ اسان تي سرحد پار کان اسان جي حدن ۾ ئي حملا ڪيا وڃن ٿا پر اسان جي حڪومت ان باري ۾ گهڻو ڪجهه نه ٿي ڪري. فورسز به ان ڪري سخت جواب نه ڏنو ته متان سرحد جي هن پار عام ماڻهن کي نقصان ٿئي. اسان سمجهون ٿا ته حڪومت کي ان حوالي سان سخت موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. جنگ ته اسان به نه ٿا چاهيون پر ڇا پنهنجي شهرين جي جاني نقصان عيوض رڳو معافيون ئي قبول ڪندا رهنداسين. حڪومت ۽ ادارن کي هاڻ سخت جواب ڏيڻو پوندو ته جيئن اسان جا شهري محفوظ ٿي سگهن. جيڪڏهن افغانستان جي حڪومت ۽ ادارا اسان جي شهرين جو احساس نه ٿا ڪن ته ڇا اسان سدائين انهن جي مدد ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو آهي؟ اسان کي به پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي مفادن موجب پاليسيون اختيار ڪرڻ گهرجن.

سياسي انا جي ڪُن ۾ قاتل ملڪ

حاڪم نصيراڻي

ملڪ جي سياسي حالتن ۾ ڏينهون ڏينهن اهڙو ته بگاڙ ايندو پيو وڃي جو ڪنهن کي يقين ئي نه ٿو اچي ته سياڻي جا ٽيڻ وارو آهي؟ تحريڪ انصاف پنجاب ۽ خيبر پختونخواه اسيمبليون ٽوڙڻ جي تيارين ۾ آهي. تحريڪ انصاف حڪومت کي گوڏا کوڙائڻ لاءِ مختلف سياسي داءِ پيچ کيڏڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهي. ڏٺو وڃي ته جيڪڏهن تحريڪ انصاف پنهنجيون حڪومتون ختم ڪري ٿي ته ان سان وقتي طور هڪ سياسي بحران پيدا ٿيندو پر اهي چونڊون خان صاحب جي سياست لاءِ به اهم هونديون. جيئن ته خان صاحب پنهنجي نااهلي جي واويلا هاڻي سان ئي شروع ڪري ڏني آهي. جيئن ته هر ماڻهو کي پنهنجي ڪيل ڪوتاهين جي پلي پت خبر هوندي آهي. ان ڪري هڪ چالاڪ ۽ شاطر ماڻهو اڳ ۾ ان جي واويلا ڪري پاڻ کي مظلوم بڻائڻ جي ڪوشش به شروع ڪري ڇڏي ٿو. جيئن وقت اچڻ تي اهو چئي سگهي ته"مون ان لاءِ رڙيون پئي ڪيون جو مون خلاف سازش پئي ٿئي." هاڻي خان صاحب جي حالت به ان چالاڪ ۽ شاطر ماڻهو واري پئي لڳي، جيڪو شوشو ڇڏي پنهنجيون ڪوتاهيون لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ڏٺو وڃي ته اسان وٽ احتساب انتقام لڳندو آهي. دنيا جي نامور ادارن اسان جي عدالتي نظام کي جنهن انداز سان پيش ڪيو آهي ان مان صاف صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ماضي ۾ اسان وٽ فيصلا ڪيئن ٿيندا رهيا آهن؟ هر سچو فيصلو به مشڪوڪ ۽ انتقامي لڳندو آهي. نوازشريف، پ پ پ، پرويز مشرف يا وري عمران خان جي دور ۾ احتساب جي نالي تي ٺهيل ڪيس وقت اچڻ تي پاڻمرادو ختم ٿيندا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو سياستدان پنهنجي ڪوتاهين جو گند طاقتور ڌرين تي اڇلڻ لڳا آهن. خان صاحب وڏي واڪي چئي ڇڏيو هو ته نيب منهنجي ڪنٽرول ۾ نه هئي اها ئي ڳالهه آهي جو نيب جي ڪيل اوڳاڙي جو ڪريڊٽ خان صاحب پاڻ کڻندو رهيو آهي. رانا ثناءُ الله خلاف هيروئن جي ڪيس کي جنهن انداز سان پيش ڪيو ويو ان مان ڪجهه گهڙين لاءِ ائين پئي لڳو ته رانا جو ڪم ئي هيروئن وڪڻڻ رهيو آهي. پر هاڻي اهو ساڳيو رانا ثناءُ آهي جنهن کي ڪورٽ سڳوري باعزت بري ڪري ڇڏيو. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪوڙي ڪي سزا چو نه ٿي ملي؟ جڏهن سزائون نه ملنديون ته انصاف کي شڪ جي نگاهه سان ضرور ڏسبو.

ڳالهه هلي پئي ته تحريڪ انصاف پنهنجون حڪومتون ڪڏهن ٿي ختم ڪري؟ خان صاحب ۽ فواد چوڌري ڊسمبر جي سرد ڏينهن ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جون حڪومتون ختم ڪرڻ جا اعلان ڪري چڪا آهن. ڏسجي ته 20 تاريخ تائين خان صاحب ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو؟ حڪومتي اتحاد جي وري اها ڪوشش آهي ته ننڍي چوڌري کان پنجاب اسيمبلي کي بچائجي، جيئن خان صاحب جو هڪ وڏو وارخطا ٿي وڃي. هاٿي جا ڏند کائڻ جا هڪ ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا هوندا آهن. ائين سياست ۾ وري سياستدانن جا عوامي ميڙاڪن ۾ بيان هڪڙا هوندا ته ميڊيا آڏو وري سنڌن انداز بيان ئي تبديل هوندو آهي. اهڙي ريت بيڪ ڊور پنهنجي سياسي حريفن سان هلندڙ ڳالهين ۾ ڪجهه ڏيو ۽ ڪجهه وٺو جو اصول لاڳو هوندو آهي. سياستدان هميشه پنهنجا سياسي فائدو ڏسي فيصلا ڪندا آهن. هاڻي جيڪڏهن ننڍي چوڌري کي پڪ ٿي وئي ته عمران خان جي مٿي تان آشيرواد وارو هٿ کڄي ويو آهي. ويجهي مستقبل ۾ سياسي ميدان ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي. ته مان سمجهان ٿو چوڌري پرويز ڪڏهن به پنجاب اسيمبلي نه ٽوڙيندو. چوڌري سالڪ جو نواز شريف سان ملڻ ان کان اڳ آصف زرداري جون وڏي چوڌري سان ٿيل ملاقاتن جون ڳالهيون ڪهاڻي ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ضرور هونديون. منهنجي خيال ۾ عمران خان کي جڏهن پڪ ٿي ته پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙيندو تڏهن هو خيبر پختونخواه اسيمبلي ٽوڙيندو نه ته ائين ئي هلاڳلا هلندو رهندو. ان ڪري خان صاحب پهريان پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڏسجي ته پرويز الاهي ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو؟ جيڪڏهن پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ تي راضي ٿئي ٿو ته محمود خان هتان خيبر پختونخواه اسيمبلي ٽوڙڻ ۾ دير نه ڪندو. سياسي طور تي خان صاحب لاءِ ٻنهي صوبن جي اليڪشن هڪ ٽيسٽ ڪيس آهي. چو ته موجوده حڪومت خان صاحب جي 2018 ع واري ڪاميابي کي اسٽيبلشمينٽ جي ڪاتي ۾ وجهي ٿي ۽ پنجاب جي ننڍن چونڊن ۾ ڪاميابي وري باجوه جي ڊبل گيم جي ڪاتي ۾ هلي وڃي ٿي. پنجاب جي ننڍن چونڊ ۾ تحريڪ انصاف جي ڪاميابي جتي سيني جا رايا غلط ثابت ڪيا اتي اهو به ثابت ڪيو جو باجوه صاحب هر حال ۾ پنهنجي پاران عمران خان جي جهول ۾ وڌل پرويز الاهي کي وڏو وزير ڏسڻ چاهي پيو. گيم ڊبل گيم سياست جو حصو ٿي ويو آهي هر ڪو پنهنجي مفادن ڪاڻ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. جيئن هن وقت ملڪي حالتن لاءِ سياسي پارٽيون پريشان ته آهن پر هڪ هنڌ ويهي مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ڳالهين قوم کي سياسي طور تي منجهائي ڇڏيو آهي. غيريقيني واري صورتحال ماڻهن جي روين کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ سنڌس معاشي ماهرن جي ڳالهين مان ائين لڳي ٿو ملڪ معاشي طور تي بلڪل ئي تباهي جي ڪناري تي پهتل آهي. عمران خان پنهنجي معاشي ٽيم سان گڏجي جيڪا پريس ڪانفرنس ڪئي، ان مان اهو ثابت پئي ٿيو ڄڻ خان صاحب جي دور ۾ ماڻهو فاقن جي فڪر کان بي فڪر ٿي سمهي رهندا هئا. کائڻ پيئڻ جي شين جي ڪا کوٽ نه هئي. مهانگائي جو ڪٿي به نانءُ نشان نه هو. گودام اَنَ سان ڀريا پيا هوندا هئا. پيٽرول جا اگهه ايترا ته گهٽ هئا جو عوام جي جيبن تي ڪو وزن نه پوندو هو. هاڻوڪي حڪومت جي غلط پاليسين ڪري ملڪ وڃي ڏيوالي نڪرڻ جي ڪنڌي تي پهتو آهي. معيشت جي تباهي ملڪ جي بنيادن کي لوڏي پئي ان ڪري صرف نيون چونڊون ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ ضروري بڻجي ويون آهن.

حڪومت وري سڄن مسئلن جو بار تحريڪ انصاف جي حڪومت مٿان وجهي پئي. بهرحال هن وقت جڏهن ملڪي خزانو خالي آهي. غيرملڪي قرض ادا ڪرڻ لاءِ خزاني ۾ پيسا ناهن. ملڪ ڏيوالي نڪرڻ جي در تي دستڪ ڏئي پيو ته ان صورت ۾ نيون چونڊون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون؟ ڇا چونڊن تي پيسا خرچ نه ٿيندا؟ اهي پيسا ڪير ڏيندو ۽ ڪٿان ايندا؟ منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن واقعي اسان جي ملڪي قيادت ملڪ ۽ قوم سان سچي آهي ته ته پوءِ ملڪ جي اهم ضرورت چونڊون نه پر ملڪ جي معيشت آهي. ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي بدامني ۽ عدم برداشت آهي. عوام جي ڀلائي لاءِ ملڪي قيادت کي پنهنجي انا هڪ طرف رکي هڪ هنڌ ويهڻ گهرجي. ملڪ مضبوط هوندو ته سياست ٿيندي جڏهن ملڪ ۾ ڪجهه نه هوندو اهڙي صورت ۾ سياست ڪرڻ جو رسڪ ڪير کڻندو؟

پيري فقيري صدين کان وٺي اسان جي عقيدي جو جز بڻجي وئي آهي. جڏهن ماڻهو ويج طبيبن کان اميد لاهي ويهندا هئا تڏهن وڃن پيرن فقيرن جي درن جا سلامي ٿيندا هئا. سياست ۾ به پيري فقيري جو سٺو عمل دخل رهيو آهي. جمهوري پارٽين جا سربراهه ملڪ تي حڪمراني ڪاڻ پيرن فقيرن جي آستانن تي وڃي وقتي مجاور به بڻجي سنڌن مٿيون پريندا رهيا آهن پر عمران خان شايد پاڪستاني تاريخ جو واحد سياسي اڳواڻ آهي جنهن پنهنجي مرشدياڻي سان شادي ڪئي. شادي ڪرڻ هر انسان جو شرعي، قانوني ۽ اخلاقي حق آهي. هڪ عاقل بالغ انسان ڪنهن سان به شادي ڪري سگهي ٿو. عمران خان جنهن عورت سان شادي ڪئي ان جي روحاني مشورن تي عمل ڪري ملڪ کي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سچيون ڪوڙيون آڊيوز ليڪ ٿيون جن ۾ غدار جي بيانيي، هيرن جي منڊي ۽ واچ وڪڻڻ جو تذڪرو ٿيل آهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن عمران خان کي نااهل ڪري جيل ۾ وڌو ويو ته مرشد تحريڪ انصاف جي اڳواڻي ڪرڻ ۾ به دير نه ڪندي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته سياسي فيصلا سياستدان ڪن ٿا يا وري به اهي فيصلا غيبي قوتن کان ڪرايا وڃن ٿا.

****

ڪاله ڪَلاچيءَ ويا، ڇِتيُون ڪٽي ڇُڳيرَ؛
ڀائِرَنِ ڀيرو نه ڪَيو، اَڌَنِ ڪِي آويرَ؛
اهڙي خاصِي ڪيرَ، ڪُنّ ورائي جَهلِي.

اسلام آباد ۾ ٿيل سيمينار جو احوال

محمد ادريس راجپوت

اسلام آباد ۾ هڪ سيمينار ٿيو، جنهن جو عنوان هو "سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ جي بحالي جو سيمينار" انهي سيمينار ۾ سنڌ ۾ هن سال برساتي ٻوڏ جي بحالي بابت ڳالهيون ٿيون. مون انهيءَ سيمينار ۾ هيٺيون ڳالهيون رکيون:

(1) نقصان جو اندازو لڳائڻ ته ڪٿي ڪٿي نقصان ٿيو.
(2) ماضي ۾ ٿيل نقصانن مان سبق سکڻ.
(3) انهن نقصانن کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل ڪرڻ.

نقصانن جو اندازو لڳائڻ ته ڪٿي ڪٿي نقصان ٿيا:

سنڌ ۾ هن سال تمام گهڻا نقصان ٿيا. انهيءَ ۾ اهو به ضروري آهي ته گذريل سالن ۾ ٿيل نقصانن جي جاڻ هجڻ کپي. گذريل سالن ۾ سال 2010 ع تائين جيڪي نقصان ٿيا. انهيءَ جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

سراسري نقصان: 8923 ملين آمريڪي ڊالر
سراسري ماڻهو مئا: 10152 ماڻهو
سراسري گهر ٻڏا: 127375 گهر
ٻڏل ايراضي ڪلوميٽرن ۾: 567132 ڪلوميٽر

هن سال جيڪي نقصان ٿيا سي تمام گهڻا هئا. اهي سراسري نقصانن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا هئا. اهي سنڌ ۾ سيني علائقن ۾ ٿيا. ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌ.

ماضي ۾ ٿيل نقصانن مان پرايل سبق:

اهي سبق تمام اهم آهن. جڏهن گذريل ماضي ۾ مينهن پوندا هئا ته اهو پاڻي ڪاڏي ويندو هو؟ ظاهر آ اهو سمنڊ ۾ ويندو هو پر انهيءَ پاڻي ۾ ڪٿي به ڪا رنڊڪ يا روڪ نه هئي. LBOD ٺهڻ کان پوءِ انهي ۾ رنڊڪ ۽ روڪ اچي وئي. يعني اهي وهڻ وارا رستا رڪجي ويا. انهيءَ سلسلي ۾ عالمي ڪنسلٽنٽ کان اپياس ڪرايا ويا ته انهن ٻڌايو ته فلاڻي فلاڻي هنڌ رستا رڪاوٽ ٺهيل آهن ۽ هنن اهو به مشورو ڏنو ته انهن رڪاوٽن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو. هنن انهن هنڌن تي سائفن ٺاهڻ جو مشورو ڏنو. پر انهي تي عمل نه ٿيو. پهريون انهيءَ جو رستو پراڻ ڍورو هو. پر عمل نه ٿيڻ سبب اهي رستا هيٺئر به رنڊڪون ٺهيل آهن. سولي ۾ سولو طريقو اهو آهي ته اهو پاڻي سائفن ذريعي جيڪي LBOD جي هيٺان هجن. ڪڍيو وڃي. پر اڃا تائين اهو ممڪن نه ٿي سگهيو آهي.

انهيءَ نقصانن کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل ڪرڻ:

هر ڪا شي عمل ڪرڻ تي مدار رکي ٿي. جنهن ڳالهه تي عمل نه هجي ۽ اها شي ٿئي ئي نه ته معنيٰ اها شي ٿي ئي نه. پر جيڪڏهن عمل ٿي ويو ته معنيٰ اها شي ٿي وئي.

جڏهن ڪنهن شي تي عمل ئي نه ٿئي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته عمل نه ٿيڻ ڪري اها شي ٿي ئي نه. وري جي اها خبر ئي نه هجي ته نقصان ڇا ٿيو ته انهيءَ تي عمل ڪرڻ ئي بيڪار آهي.

بيو مسئلو اهو آهي ته برساتي ٻوڏن واري اسڪيم تي عمل ڪيئن ڪجي. انهيءَ لاءِ هيٺيان عمل ٿي سگهن ٿا.

1. شارٽ ٽرم
ميڊيم ٽرم
لانگ ٽرم.

ميڊيم ٽرم ۽ لانگ ٽرم اسڪيمن تي في الحال عمل ڏکيو آهي. في الحال شارٽ ٽرم اسڪيمن تي عمل ڪيو پيو وڃي. پر انهن جي رفتار گهٽ آهي.
الله ۾ آسرو آهي ته برساتي ٻوڏ وارين اسڪيمن تي جلد عمل ٿيندو. جو شاهه صاحب چئي ويو آهي:

آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهارو گهڻو
شاهه عبداللطيف ڀٽائي

بقايا 01

ختم ڪيا پيا وڃن. اسان تباهي جي ڪنڌيءَ تي بيٺا آهيون. اسان جي معيشت تباهي ڏانهن وڃي رهي آهي. معيشت انڪري تباهه ٿي رهي آهي ته اسان جي ملڪ ۾ انصاف ناهي. وڏا ڏاڙيل جيڪي روپوش هئا اڄ اهي واپس اچي رهيا آهن ۽ سنڌن ڪيس ختم ٿي رهيا آهن. هن چيو ته انهن چورن کي اين آر او ٽو ڏئي پاڪ ڪيو پيو وڃي. جنرل باجوا ڪين اين آر او ٽو ڏنو آهي. سليمان شهباز واپس اچي چوي ٿو ته سائنس ڪيڏو ظلم ٿيو آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته سنڌن ڪيسن سان جڙيل ماڻهون الائي ڪيئن دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري وڃن ٿا؟ ڪير ان معاملي جي جاچ نه ڪري. عمران خان چيو ته هاڻي زرداري مافيا کي به معاف ڪيو پيو وڃي. پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ناهي. اٺاسي سيڪڙو بزنس مين چون ٿا ته ڪين موجودا حڪومت تي يقين نه آهي. پاڪستان جي ڪريڊٽ رسڪ سٺو سيڪڙو وڌي وئي آهي. جڏهن اسان حڪومت ۾ هئاسين ته ڪريڊٽ رسڪ پنج سيڪڙو هئي. معيشت ڏينهون ڏينهن تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي. هن چيو ته اهو سازش تحت ملڪ سان ڪيو ويو آهي. ملڪ ڏيوالو ڪري ويندا آهن ته سڀ کان اڳ قومي سلامتي سيڪيورٽي متاثر ٿيندي آهي. عمران خان چيو ته اهو تاثر پيدا ڪيو پيو وڃي ته اسان چاهيون ٿا ته اسٽيبلشمينٽ اسان جي مدد ڪري. مان ڪنهن کان ڪا به مدد ناهي گهري. چاهيان ٿو ته اسٽيبلشمينٽ نيوٽرل رهي. اڳوڻي وزيراعظم جڏهن مان حڪومت ۾ هئس جنرل باجوا چيو هو ته احتساب کي ڇڏي ڏيو معيشت تي ڌيان ڏيو. باجوا فنانشل ايڪشن ٽاسڪ فورس) فيٽف) جي حوالي سان قانونسازي وقت چيو ته اپوزيشن کي اين آر او ٽو ڏئي ڇڏيو

بقايا 02

آهي. امڪان آهي ته ڪريملن ان قدم کي وڌندڙ چڪتاڻ طور ڏسندو. يوڪرين اختيارين موجب آمريڪا جي پنهنجي جديد ترين پيٽريات ايئر ڊيفنس سسٽم کي يوڪرين موڪلڻ جي منصوبي کي حتمي صورت ڏيڻ جي حوالي سان گذريل ڏينهن ڪيف جون واشنگٽن سان اعليٰ سطحي فوجي ڳالهيون ٿيون آهن. آمريڪي اهلڪار چيو ته پيٽريات اوزارن جي فراهمي کان اڳ امڪاني طور تي يوڪرين فوج کي جرمني ۾ تربيت ڏني ويندي، جنهن ۾ ڪيترائي مهينا لڳي سگهن ٿا.

بقايا 03

درست آهي. رٽائرمينٽ کانپوءِ فوجي آفيسرن جو احتساب ٿي سگهي ٿو ان تي جسٽس منصور علي شاهه چيو ته دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هٿياربند فوج کي اها استثنيٰ حاصل آهي جيڪا پاڪستان ۾ آهي؟ ڇا اسان کي 40 سالن جي رٽائرمينٽ جو انتظار ڪرڻو پوندو ته هڪ فوجي آفيسر جي ڪرپشن جو احتساب ٿئي؟ هن پڇائو ڪيو ته جيڪڏهن فوجي آفيسر پنهنجي سروس دوران ڪنهن وفاقي يا صوبائي اداري ۾ تعنات آهن ته ڇا انهن جو احتساب ٿي سگهي ٿو؟ جسٽس اعجاز الحسن چيو ته آرمي ايڪٽ آرمي آفيسرن تي لاڳو ٿئي ٿو نيب قانون تي نه. آرمي آفيسرن کي قومي سلامتي تحت سروس دوران نيب قانون جو تحفظ حاصل آهي. آرمي آفيسر ڪميشن حاصل ڪرڻ کانپوءِ صرف 18 سالن تائين سروس ۾ رهندا آهن. پاڪستان جو اندروني ڪنٽرول، انتظام ۽ احتساب جا طريقا ۽ انهن جون سزائون عام سزائن کان وڌيڪ سخت آهن. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته نيب قانون ۾ ڪٿي به لکيل ناهي ته آرمي آفيسرن جو احتساب آرمي ايڪٽ تحت ٿيندو. آرمي ايڪٽ نيب جي دائري کي محدود نٿو ڪري سگهي. وزيراعظم ۽ وڏو وزير احتساب کان

مستثنيٰ آهن. قومي فيصلا. فوجن کي وزيراعظم ۽ وڏي وزير جو استثنيٰ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو؟ خواجا حارث چيو ته سروس ۾ جيڪي به فوجي آفيسر آهن ان جو رٽائرمينٽ کانپوءِ احتساب ٿي سگهي ٿو. عدالت جو مجين يا نه آرمي آفيسرن کي تحفظ ڏيڻ پارليامينٽ جو منطق آهي. جسٽس منصور علي شاهه جي استفسار تي عمران خان جي وڪيل خواجا حارث چيو ته تحريڪ انصاف جي سمورن ميمبرن استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي پر اسپيڪر سمورين استعيفائن سياسي حڪمت عملي تحت قبول نه ڪري رهيو آهي. جسٽس اعجاز الاحسن چيو ته اسپيڪر سمورين استعيفائون هڪ ئي وقت منظور چو نٿو ڪري؟ جنهن ميمبر کي ڪو مسئلو هوندو اهو ان فيصلي تي اعتراض ڪندو. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته جيڪڏهن اسپيڪر کي چئن ڏينهن ۾ استعيفيٰ منظور ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ته ڇا پي ٽي آءِ جو مسئلو حل ٿي ويندو؟ وڪيل خواجا حارث چيو ته پي ٽي آءِ رڳو چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪري رهي آهي. موجوده اسيمبلي نامڪمل آهي. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته پي ٽي آءِ جو تعصبائو رويو آهي ته اسيمبلي اڌوري آهي. زباني ڳالهه نه ڪريو. جيڪڏهن توهان کي اسيمبلي پسند ناهي ته سيٽون ڇڏي ڏيو. استعيفائون قبول نه ٿيون ته پي ٽي آءِ عدالت چو نه وڃي؟ چيف جسٽس آف پاڪستان چيو ته پي ٽي آءِ جون ڪيتريون ئي درخواستون عدالتن ۾ التوا ۾ آهن. عدالت کي سياسي معاملي تي تبصرو نه ڪرڻ گهرجي. امر بالمعروف و نهي عن المنڪر اسلام جا بنيادي اصول آهن. جيڪڏهن وڏي پشماني تي سياسي پارٽي ٻاهر آهي. اسيمبلي ڪيئن فعال ٿيندي اهو به هڪ سوال آهي. عمران خان جي وڪيل خواجا حارث دليل مڪمل ڪيا. حڪومتي وڪيل مخدوم علي خان جنوري جي ٻئي هفتي ۾ دليلن جي شروعات ڪندو.

بقايا 04

ڳالهيون هاڪاري رهيون آهن. ۽ انهن ڳالهين ٻوڏ کانپوءِ پاڪستان ۾ وڏي معاشي منظرنامي تي نظرثاني جو موقعو فراهم ڪيو آهي. سنڌس چوڻ هو ته پاڪستاني اختيارين ۽ آءِ ايم ايف جي نائين جائزي تي ڳالهين تي ٻنهي ڌرين کي مالياتي، ڊالر سيمت ڪرنسي جي قيمت ۽ توانائي واري پاليسي جو گهرائي سان جائزو وٺڻ جي قابل بڻايو آهي. ايسٽر پيريز جو چوڻ آهي ته ايف ايم ايف گڏيل طور سٽين ۽ انين جائزي واري اهڙين پاليسين تي ڳالهيون جاري رکڻ جو جو منتظر آهي جيڪي ٻوڏ سبب انساني ۽ بحالي جي ضرورتن کي مناسب طريقي سان پورو ڪن ٿيون جڏهن ته موجود مالياتي امداد سان گڏ مالي ۽ پرڏيهي استحڪام کي پڻ محفوظ رکي ٿي. آءِ ايم ايف جي نمائندي موجب ٻوڏ سبب پاڪستان کي مختلف معاشي انگن اکرن جو نئين سر تعين ڪرڻو پوندو. هن چيو ته پاڪستان کي سٽين ۽ انين جائزي لاءِ مختلف ٽارگيٽن کي مڪمل ڪرڻو آهي. توانائي جي سڌارن تي سٽين ۽ انين جائزي جي طئي ٿيل هدفن تي عمل ڪرائڻو پوندو.

بقايا 05

75هين سالياني ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو. ڪانفرنس ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئر جي چيئرپرسن ڊاڪٽر معصومه حسن، ٻين وفدن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي. پنهنجي خطاب ۾ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته پي آءِ آءِ اي (PIIA) بدلجندڙ عالمي نظام ۾ جديد دور جي سيني اهم مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي جنهن تي پاڪستان توڙي ٻاهرين ملڪن جا اسڪالر ۽ سفارتڪار سنڌن ڌيان ڇڪرائيندا. هن وڌيڪ چيو ته اهو سٺو فيصلو آهي ته ڪانفرنس جي پڄاڻي تي فلوڊ گلوبل آرڊر تحت امن نوٽ جاري ڪيو ويندو. هن چيو ته بدلجندڙ عالمي نظام کي نئون توازن ڳولڻ ۾ وقت لڳندو. مراد علي شاهه چيو ته دنيا تاريخي ۽ جاگرافيائي سببن وگهي ٽڪراءُ ۽ ورهاڱي ۾ ورتل آهي تنهنڪري وقت جي ضرورت آهي ته پاڪستان جي سمورن اندروني ۽ ٻاهرين مسئلن ۽ چيلينجن لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙي وڃي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته گذريل ڪجهه سالن ۾ اسان جاگرافيائي قوتن کي اولهه کان اوڀر ڏانهن منتقل ٿيندي ڏٺو آهي. اسان ايشيا جو ٻار پڻ ڏٺو آهي ۽ وڌيڪ اهم ته هڪ مضبوط چين پنهنجي بيلٽ اينڊ روڊ انيشيٽو ذريعي روس تائين پنهنجي پهچ کي وڌائي رهيو آهي. اسان پاڻ چائنا-پاڪستان اقتصادي راهداري (CPEC)سان فائدو کڻي رهيا آهيون جنهن سان اسان جي ملڪ کي وڏا معاشي فائدا حاصل ٿيندا ۽ ان منصوبي پاڪستان جي معيشت ۾ گوادر پورٽ جي ترقي جي اهميت کي اجاگر ڪيو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته اسان جو پنهنجو خطو اڻڄاتل مسئلن ۾ ورتل آهي. هن چيو ته ڪشمير جو حل ته ٿيل مسئلو ۽ ڪشميري عوام تي ڀارتي حڪومت جو ظلم عالمي سطح تي ڳڻتي جوڳو معامرو آهي ۽ ان موقعي تي ڪشميري ڀائرن کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻو پوندو. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته افغانستان ۾ استحڪام خطي جي سمورن اسٽيڪ هولڊرز لاءِ چئلينج آهي. هن چيو ته پاڪستان نه رڳو سرحدي سيڪيورٽي ۾ پاڻي ۽ خوراڪ جي تحفظ ۾ به پنهنجي ئي چيلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي ۽ عالمي سطح تي هڪ سرگرم ۽ ترقي پسند قوت رکندڙ آهي جيڪو بدلجندڙ ورلڊ آرڊر ۾ 9 اعلانيل ايٽمي طاقتن منجهان هڪ آهي. هن چيو ته هي هڪ ذميوار ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ آهي جنهن هميشه ايٽمي توانائي کي پرامن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو آهي. مراد شاهه چيو ته هڪ نوجوان قوم هجڻ جي حيثيت سان نوآبادياتي راڄ خلاف جدوجهد ڪندڙ ملڪن سان گڏ بيٺل رهيو ۽ پنهنجي نوآبادياتي قوتن کان آزادي لاءِ لابنگ ڪئي. هن چيو ته اهو ترقي پذير ۽ گهٽ ترقي يافته ملڪن جي مدد ۽ انساني حقن بابت ڪيترن ئي معاهدن جو ميمبر پڻ آهي ۽ گڏيل قومن جي فوجن کي امن فراهم ڪرڻ لاءِ فوجي دستا ڏيندڙن مان هڪ آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان عالمي تنظيمن جهڙوڪ آرگنائيزيشن آف اسلامڪ ڪوآپريشن (او آءِ سي) ۽ سائوٿ ايشين آرگنائيزيشن فار ريجنل ڪوآپريشن (سارڪ) ۽ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جو ميمبر آهي. جيڪي دنيا جي سڀ کان وڏي علائقائي تنظيمون آهن. پاڪستان هميشه اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن تنظيمن ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته کيس خوشي آهي ته ڪانفرنس جي پروگرام ۾ موسمياتي تبديلين جي مسئلن تي ڌيان ڏنو ويو آهي. هن چيو ته پاڪستان سميت دنيا جا ڪيترائي ملڪ موسمياتي تبديلين جي اثرن کان متاثر آهن جنهن تي ماهر هاڻي موسمياتي تبديلي ۽ قومي سلامتي جي ڪوآرڊينيشن تي ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته موسمياتي تبديلي اسان جي ملڪ کي وڏي ٻوڏ آڻي تباهه آندي. ٻوڏ سبب ٻي گهر ٿيل ماڻهن جي بحالي سنڌ حڪومت لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي پر اسان پنهنجي دل سان ڪوشش ڪئي آهي ته ٻوڏ متاثرن جي گهرن ۽ روزگار کي بحال ڪيو وڃي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته سنڌس حڪومت ڪيترن ئي شعبن ۾ ترقي پسند قانون سازي ڪرڻ لاءِ اهم قدم کنيا آهن جن ۾ اسان عورتن، اقليتن، پلتي ٻيل ۽ ٻارن کي قانوني تحفظ ڏنو آهي ۽ گذريل ڪجهه سالن ۾ اسان ڪيترائي عورتن لاءِ قانون پاس ڪيا آهن. وڏي وزير موجب سنڌ پهريون صوبو آهي جنهن گهريلو تشدد خلاف قانون (The Domestic Violence (Prevention and Protection) Act 2013 ۽ 'Sindh Child Marriages Restraint Act 2013' لاڳو ڪيا آهن. مراد علي شاهه اميد ظاهر ڪئي ته ڪانفرنس مان نڪرندڙ تجويزون پاليسين جي سڌاري ۽ جديد دور جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان اسٽريٽجڪ طور تي دنيا جي نقشي تي موجود آهي ان ڪري ان جو اهم ڪردار آهي. عرب سمنڊ تائين پهچ سبب گوادر بندرگاهه پاڪستان لاءِ اهميت رکي ٿي. چوته اهو ڄاڻيتا لاءِ خاص آهي جيڪو پاڪستان جو هميشه دوست رهيو آهي جنهن بندرگاهه تي عالمي سطح جي ڊاڪنگ جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي سيڙپڪاري ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ موجوده اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپن کي وڌايو آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته موسمياتي تبديلي پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هن چيو ته رهندڙ درياهه، سمنڊ جي برف پگهرڻ ۽ خوراڪ جي عدم تحفظ سڀ اسان جي مستقبل لاءِ خطرو آهن ۽ دنيا جي وڏين قوتن وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته عالمي ماهر هاڻي موسمياتي تبديلي ۽ قومي سلامتي جي هم آهنگي تي ڌيان ڏئي رهيا آهن.

بقايا 06

تي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته افضال ٿيليسيميا فائونڊيشن جون ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن . پوري صوبي ۾ فائونڊيشن ٿيليسيميا جي مريضن جي خدمت ڪري رهي آهي. يو اي اي قونصل خانو سنڌ ۾ فلاحي ڪمن ۾ مصروف آهي. گڏيل عرب امارات جي حڪومت ۽ خاص طور تي قونصل جنرل بخيت عتيق الرومياٺي جا ٿورائتا آهيون. صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ٿيليسيميا فائونڊيشن جي اهم تقريب يو اي اي قونصل خاني جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ٿيليسيما موذي مرض آهي. جيڪو تيزي سان پکڙجي رهيو آهي ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مريضن کي وقت تي مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته افضال فائونڊيشن جي سپورٽرز لاءِ دعاگو آهيون ته الله تعاليٰ انهن جي همت افزائي ڪري ته جيئن ٿيليسيميا جي مريضن کي مفت علاج جون سهولتون ملي سگهن. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي يو اي اي جي قونصل جنرل بخيت عتيق الروميٺي چيو ته پاڪستان اسان جو ٻيو گهر آهي. هن چيو ته يو اي اي حڪومت پاڪستان جي عوام جي خدمت جاري رکندي. تقريب ۾ مشهور اداڪار جاويد شيخ، معروف صنعتڪار زبير موتي والا. افضال فائونڊيشن جي انتظاميا ۽ شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا 07

وزيرن جي ملاقات ۾ ملڪ جي معاشي ۽ سياسي صورتحال ۽ قانون سازي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بعد ۾ صدر 3 ڏينهن جي دوري تي لاهور پهتو. عارف علوي سياڻي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان ملاقات جو به امڪان آهي.

بقايا 08

نااهلي جي دروازي تي وڃي آيا آهن. هي غلطيون هنن توهان کان ڪرايون آهن. هن چيو ته پنجاب حڪومت به نه ڪرندي توهان کي خبر پئجي ويندي ۽ فرض ڪريو جيڪڏهن ڪري به پئي ته نظام پوءِ به هلندو رهندو. سنڌس چوڻ هو ته حاصل حصول ٻڙي جمع ٻڙي. نتيجو ٻڙي هوندو. اڃا به وقت آهي ٻهارو گهمائي ڇڏيو ته نه ته بند گهٽي مان نڪرڻ ناممڪن هوندو.

بقايا 09

جي ضلعي مير انشا ۾ قائم هيڊ ڪوارٽرز سرگردان چوڪ ۾ آپگهاتي حملي آور پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا جڏهن ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. رسڪيو اهلڪارن جو چوڻ آهي ته آپگهاتي حملي ۾ زخمي ٿيندڙن ۾ وڏو انگ وانهڻ جو آهي جڏهن ته لاش ۽ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي علائقي جي سيڪيورٽي اهلڪارن واقعي واري هنڌ کي گهيري هيٺ آڻي ثبوت گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 10

جڏهن ڪراچي مان پيپلز پارٽي جو ميئر چونڊجي ويندو ۽ ايندڙ عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي نه رڳو ڪراچي پر سڄي پاڪستان جي وڏي پارٽي بڻجي اڀرندي. اهڙن خيالن جو اظهار سينيٽر وقار مهدي سينيٽ ۾ حلف کڻڻ کانپوءِ اسلام آباد کان ڪراچي پهچڻ تي ايئرپورٽ تي سنڌس استقبال لاءِ موجود ڪارڪنن جي وڏي انگ کي خطاب ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. سينيٽر طور حلف کڻڻ بعد وقار مهدي جي ڪراچي پهچڻ تي جيالن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو. ايئرپورٽ جيئي ڀٽو، زنده هي بي بي زنده هي ۽ وزيراعظم بلاول جي نعرن سان گونجي ويو. سينيٽر وقار مهدي ڪراچي ايئرپورٽ تان گاڏين جي قافلي ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ پهتو. جتي اڳ ئي موجود ڪارڪنن گلن جي ورکا ڪري سائنس ملاقات ڪئي. سينيٽر وقار مهدي جيالن پاران شاندار آجيان ڪرڻ تي سنڌن ٿورائتا آهيون. هو پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ قائم شهيدا گيلري پهچي پارٽي شهيدن لاءِ دعا گهري. سينيٽر وقار مهدي ڳالهائيندي چيو ته گملي مان پيدا ڪيل قيادت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي. عمران خان جهڙن ڪٺ پتلين معيشت کي تباهه

ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هاڻي قوم ۽ معيشت ٻنهي جي ضرورت آهي. هن چيو ته هاڻ جيالا مضبوط ٿيو اسان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم بڻائي پاڪستان کي ان جو وڃايل مقام واپس آڻينداسين.

بقايا 11

اڪلائي ڇڏي آهي .عدالت شهري عمرزمان ۽ ڪشن خان جي بازيابي جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي .عدالت 6هفتن ۾ اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 12

علي رحمان کي گارڊ آف آنر ڏنو ويو. تاجڪ صدر شهباز شريف سان وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف تاجڪ صدر جو استقبال ڪيو.ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن، گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ علائقائي معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ون آن ون ملاقات ڪئي. ٻنهي ملڪن وچ ۽ وفدن جي سطح تي ڳالهيون ٿينديون. تاجڪ صدر جي دوري دوران اهم ملاقاتن ۽ ٻطرفن معاهدن تي صحيحون ڪيون وينديون.

بقايا 13

رهيو ته اهو سيل ڪيو ويندو. عدالت جو تعليم کاتي کي حڪم ته سختي سان عمل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا 14

واري وزارت روڪيا هئا. پرڏيهي سفارتخانن ۾ ملازمن جي پگهارن واري رقم 50 لک ڊالر جي لڳ ڀڳ آهي. ناڻي واري وزارت جي ترجمان چيو ته پرڏيهي معاملن واري وزارت کي ٽئين ماهي تائين ڪيترن ئي پاڪستاني سفارتخانن ۽ پرڏيهي مشنز لاءِ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. ترجمان وڌيڪ چيو ته اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) به ان مقصد لاءِ پرڏيهي متاسنا جي ناڻي جي فراهمي جي منظوري ڏني هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جرمني ۾ پاڪستاني مشن پرڏيهي معاملن واري وزارت کي خط لکيو آهي ته فنڊن جي کوٽ سبب ان جي باقاعده ڪم ۽ رڪاوٽ اچي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا، فرانس، جرمني، عمان، ويانا ۽ بيلجيم مشن ۾ ملازمن کي پگهارن نه مليون آهن. ايران، ترڪي ۽ افغانستان ۽ پرڏيهي معاملن واري وزارت جي ملازمن جون پگهارون به روڪيل هيون.

بقايا 15

ڪاٽي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه شرڪت ڪئي. ڪراچي ۾ يو اي اي جو قونصل جنرل بخيت عتيق الرومياٺي به موجود هئا. ان موقعي تي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته افضال ٿيليسيميا فائونڊيشن جون ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن . پوري صوبي ۾ فائونڊيشن ٿيليسيميا جي مريضن جي خدمت ڪري رهي آهي. يو اي اي قونصل خانو سنڌ ۾ فلاحي ڪمن ۾ مصروف آهي. گڏيل عرب امارات جي حڪومت ۽ خاص طور تي قونصل جنرل بخيت عتيق الرومياٺي جا ٿورائتا آهيون. صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ٿيليسيميا فائونڊيشن جي اهم تقريب يو اي اي قونصل خاني جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ٿيليسيميا موذي مرض آهي. جيڪو تيزي سان پکڙجي رهيو آهي ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مريضن کي وقت تي مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته افضال فائونڊيشن جي سپورٽرز لاءِ دعاگو آهيون ته الله تعاليٰ انهن جي همت افزائي ڪري ته جيئن ٿيليسيميا جي مريضن کي مفت علاج جون سهولتون ملي سگهن. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي يو اي اي جي قونصل جنرل بخيت عتيق الرومياٺي چيو ته پاڪستان اسان جو ٻيو گهر آهي. هن چيو ته يو اي اي حڪومت پاڪستان جي عوام جي خدمت جاري رکندي. تقريب ۾ مشهور اداڪار جاويد شيخ، معروف صنعتڪار زبير موتي والا. افضال فائونڊيشن جي انتظاميا ۽ شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا 16

ٿا ته عالمي برادري پارٽ جو احتساب ڪري. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس حنا رباني کر چيو ته اڄ دنيا ۽ خطو مختلف چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي. افسوس آهي ته اڄ اهڙي معاملي جي ڳالهائڻ لاءِ آئي آهيان. افسوس جوڳي ڳالهه آهي ته دهشتگردي ڪرائڻ وارو پاڻ کي دهشتگردي جو سڀ کان وڏو شڪار قرار ڏئي ٿو مسلڪيتي سيڪريٽري پرڏيهي سفيرن کي پارٽ جي دهشتگردي ۾ ملوث هجڻ بابت آگاهه ڪيو. پارٽ جوهر ٽائون لاهور ۾ دهشتگردي ڪئي. اسان جاچ مڪمل ٿيڻ ۽ ثبوتن جو انتظار ڪيو.

واضح ثبوت آهن ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ملوث آهي هن چيو ته جوهر ٽائون دهشتگردي ڀارت جو منصوبو هو ۽ اهو ڀارت انجام ڏنو جن کي ان دهشتگردي ۾ سزا ملي اهي فرنٽ مين هئا. واقعي جا اصل ڪردار ڀارتي رياستي پنيرائي ۾ آزاد آهن. پاڪستان ان حوالي سان آواز اٿاريندو رهندو. ڀارت لاڳيتو بلوچ عليحدگي پسندن جي حمايت ڪري رهيو آهي هن چيو ته ڀارت کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي ملڪ دهشتگردي جو فائدو ناهي کنيو ۽ پاڪستان اهو ملڪ آهي جيڪو دهشتگردي جو سڀ کان وڏو شڪار رهيو آهي. جيڪڏهن اوهان پاڙيسرين جي گهرن ۾ باهه لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو ته باهه اوهان جي گهر به ايندي. ڀارت عالمي سطح تي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪو ڪردار ادا ناهي ڪيو حنا رباني کر چيو ته ڀارت والاريل ڪشمير ۽ لاڳيتو انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ڪري رهيو آهي. ڀارت خطي ۾ دهشتگردي ڦهلائڻ لاءِ ڪيئي تنظيمن جي مالي مدد ڪندو رهيو آهي. ڀارت کي ان پاليسي کان پوئتي هٽڻو پوندو. ايمانداري سان سمجهون ٿا ته عالمي برادري ڀارت جو احتساب ڪندي. گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل جي ميمبرن سان ڀارت کي ڏنل ڊوزيئر شيئر ڪيو آهي. پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ملوث ڀارتي شهرين جا ريڊ وارنٽس جاري ٿي چڪا آهن ملڪي وزير چيو ته ڀارت مان جيڪي ڪاروائيون ٿي رهيون آهن ان سان ٽڙ سنڌن خطي کي نقصان پهتو آهي. جيڪڏهن رڳو ڀارت کي ذميوار نه ٿا سمجهون ته ماضيءَ ۽ تازا واقعا اهو ثابت ڪن ٿا ڀارت دهشتگردي ۾ ملوث رهيو آهي. ڪلبوشن ڪيس ۾ به پاڪستان ثبوت پيش ڪيا. ڀارت پابندي مڙهيل تنظيم بي ايل ايف کي پڻ پاڪستان خلاف استعمال ڪري رهيو آهي. ڀارت پاڪستان ۾ امن نٿو چاهي.هن وڌيڪ چيو ته ڀارت خلاف لاهور دهشتگردي ۾ ملوث هجڻ ناقابل ترديد ڪيس آهي. اسان چاهيون ٿا دنيا ان معاملي کي ڏسي ۽ ڀارت جو احتساب ڪري.

بقايا 17

ڪئي وئي آهي. جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي في اونس قيمت نو ڊالر لاٿ بعد 1808 ڊالرن تي اونس ٿي وئي آهي. آل سنڌ صرافه اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ لاٿ باوجود مقامي مارڪيٽ تي في تولو سون سئو رپيا واڌ بعد هڪ لک 68 هزار نو سئو رپيا ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جو اگهه ۾ 86 رپيا واڌ بعد 1 هڪ لک 44 هزار 519 رپيا ٿي ويو آهي.

بقايا 18

داخل درخواست تي بريت واري فيصلي جي آجيان ڪئي آهي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي سنڌن روايت رهي آهي. تحريڪ انصاف جي ميمبرن جي نااهلي واري درخواست رد ٿيڻ پيپلز پارٽي جي قانوني فتح آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي هڪ رفاق يونٽ آهي ۽ ان جي تقدس تي يقين رکي ٿي. اسان هميشه قانون ۽ آئين جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ آئين جي حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻ تي يقين رکون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن پاران فريال ٽالپر جي بريت جو فيصلو پيپلز پارٽي جي اخلاقي فتح آهي. پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جي بنيادي تربيت ۾ قانون ۽ ادارن جو احترام ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا 19

ڪاروائي ڪري جوابدار زوار شاهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار ڪيل جوابدار زوار شاهه متياري ضلعي ۾ موٽرو اسڪينڊل جي جاچ لاءِ گهربل هو گرفتار ڪيل جوابدار متياري جي اڳوڻي ڊي سي عدنان رشيد جو ويجهو سائي ٻڌايو پيو وڃي. ٻئي پاسي گرفتار ڪيل ڊي سي عدنان رشيد کي حيدرآباد عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. 13 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل حوالي ڪيو ويو.

بقايا 20

ٽيڪنالاجي جي آرٽيفشل انٽيليجنس سينٽر جي عدنان الحسن جي اڳواڻي ۾ ماهرن جي هڪ ٽيم دفاع ۽ ميڊيا انڊسٽري لاءِ ميڊيا مانيٽرنگ سسٽم تيار ڪيو آهي.ڳالهائيندي عدنان الحسن چيو ته دفاعي مقصدن لاءِ ميڊيا مانيٽرنگ ۾ افرادي قوت کي گهٽ ڪري مصنوعي ذهانت جي سمارٽ ٽيڪنالاجي جي متبادل طور آندو پيو وڃي.هن چيو ته انساني غلطين ۽ لاپرواهي سبب ميڊيا جا ماهر آواز تصويرون يا فلم جو ڳرو تجزيو نٿا ڪري سگهن. ان ڪري ان کي سمارٽ ٽيڪنالاجي سان تبديل ڪيو ويو آهي.عدنان الحسن اهو به ٻڌايو ته ان مقصد لاءِ مڪمل طور تي خودڪار ميڊيا مانيٽرنگ سسٽم تيار ڪيو ويو آهي جيڪو پاڻ کي تربيت ڏيندو. اهو نظام صارف جي ضرورتن مطابق تيار ڪيو ويو آهي جيڪو ممنوع مواد جي نشاندهي به ڪري ٿو ان سان گڏ لفظن، وڊيوز ۽ وڊيوز جي نشاندهي به ڪري ٿو تصويرون جيڪي سسٽم ۾ شامل ڪيا ويا آهن جيئن منع ٿيل آهن. هن چيو ته ميڊيا مانيٽرنگ سمارٽ ٽيڪنالاجي ۾ ٽي حصا ٺاهيا ويا آهن. ميڊيا ريڊار، ميڊيا اينالائيٽڪس ۽ ميڊيا مود. انهن ٽنهي آٽوميٽڪ حصن ۾ مصنوعي ذهانت کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت ڏني وئي آهي جيڪي قيد جي هدايتن موجب الارم ڪندا جڏهن ته اهي لفظ، تصويرون ۽ فلمون منع ٿيل آهن هن ميڊيا مانيٽرنگ سسٽم ۾ سمارٽ ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي خبرن، اشتهارن ۽ پروگرامن کي درجه بندي ڪرڻ جي صلاحيت پڻ آهي جهڙوڪ چهرو سڃاڻڻ، آواز جي سڃاڻپ، متن پڙهڻ ذريعي لفظن کي ڳولڻ جي صلاحيت، اسپيڪر جي سڃاڻپ، وغيره تجزيو ترجمو ۽ رپورٽنگ وغيره.عدنان الحسن جو چوڻ آهي ته سنڌس سافٽ ويئر ۽ ايپ ميڊيا جي لاءِ به خدمتون پيش ڪري ٿي. جنهن ۾ مواد، اشتهار، ريٽنگ، سوشل ميڊيا ايپ، ٻڌائڻ ۽ نگراني ۽ سپورٽ ڪرڻ جا اهم اوزار شامل آهن ۽ ان ۾ ڪلائنٽ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ فيچرز پڻ فراهم ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 21

ته دنيا جي امير ترين ماڻهن مان هڪ جيف بيزوس به عمارت جي ويجهو ئي رهندو آهي. وڪري لاءِ عمارت رهائشي ۽ آفيس جي جاءِ ته هجڻ سبب ۽ ڪيترن ئي سالن کان استعمال نه ٿيڻ سبب انتهائي زبون حالت ۾ آهي. سول قاعدن موجب عمارت جي ٻاهرين شڪل کي تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ عمارت جي مرمت ممڪن آهي. شهري حڪومت طرفان 17 2016 ع ۾ پاڪستاني عمارت تي 70 هزار ڊالر ڏنڊ لڳايو ويو هو ٻئي طرف پاڪستاني سفارتخاني عمارت جي وڪرو جي تصديق يا ترديد ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. جڏهن ته عمارت جي ٻاهران لڳايل فار سيل بورڊ به اوچتو هٽايا ويا آهن.

بقايا 22

ساميٿو جو چوڻ هو ته علائقي جي ڪجهه بدمعاشن جن جي سرپرستي سڄل ڳوٺ ٿاڻي جي پوليس ڪري رهي هئي چادر ۽ چار ديواري جو تقدس پامال ڪندي اسان جي ضلعي اڳواڻ پورل بليدي جي گهر مٿان حملو ڪيو هن چيو ته پورل بليدي هڪ باڪردار سياسي ڪارڪن آهي جنهن مٿان ڪنهن به ٿاڻي تي هڪ به ايف آئي آر داخل ناهي پر علائقي جي ڪجهه بدمعاش جي چوڻ تي سڄل ٿاڻي جي پوليس سنڌس گهر تي ناجائز چڙهائي ڪئي آهي. اسان ان حوالي سان آءِ جي سنڌ ۽ محتسب اعلا کي پڻ درخواستون ڏئي چڪا آهيون ته پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ گهر مان ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي. اعجاز ساميٿو چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جا ڪارڪن نڌڪا ناهن جيڪڏهن سڄل ٿاڻي جي پوليس پنهنجي رويي جي معافي نه ورتي ۽ ڏوهارين جي سرپرستي بند نه ڪئي ته ڪراچي، سميت سموري سنڌ اندر ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو. هن آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کي گذارش ڪئي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي پورل بليدي جي گهر تي ٿيل ڪاهه ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي فوري طور هٽايو وڃي ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 23

لاٿ جي منظوري ڏني وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪي اليڪٽرڪ هڪ رپيو 88 پئسا في يونٽ لاٿ جي درخواست ڪئي هئي. جنهن تي نيپرا 30 نومبر 2022 ع تي ايف سي اي جي عوامي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ 2.45 رپيا في يونٽ لاٿ منظوري ڏني وئي. نيپرا موجب نرخ اگهه رڳو هڪ مهيني لاءِ هوندا جڏهن ته لائف لائين واهپيدارن تي سڄي يونٽ تائين گهريلو واهپيدارن، زرعي واهپيدارن ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشنز تي لاڳو نه هوندو.

بقايا 24

خيرپور، نوشهروفيروز، سانگهڙ، شهيد بينظير آباد، ڪراچي سميت مختلف ضلعن جي 275 ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب شڪارپور ضلعي جي هڪ سئو 46 ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو . ڪشمور ضلعي جي چوهٺ ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي. گهوٽڪي ضلعي جي ٽيٽيهه ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي. نوشهروفيروز ضلعي جي ٽن ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي. حڪومت طرفان شهيد بينظير آباد ضلعي ۾ هڪ ڏاڙيل ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ ٻارنهن ڏاڙيلن مٿان انعام رکيو ويو آهي. سٽي ضلعي ڪراچي ۾ 9 ڏوهارين مٿان انعام رکيو ويو آهي. جڏهن ته ايس آءِ يو، سي آءِ اي ڪراچي پاران سفارش ڪيل 7 ڏوهارين مٿان به انعام رکيو ويو آهي.

بقايا 25

اورنگزيب ۽ معاون خصوصي شيزا فاطمه گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي. معاون خصوصي شيزا فاطمه چيو آهي ته حڪومت هڪ سال اندر 20 لک نوجوانن کي روزگار ڏيڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. معاون خصوصي شيزا فاطمه جو چوڻ هو ته هلندڙ سال هڪ لک ليپ ٽاپ ڏنا ويندا. وزيراعظم شهباز شريف نوجوانن ۾ ليپ ٽاپ ورهائيندو.

بقايا 26

جي مقرري جو نوٽيفڪيشن پيش ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ڊي جي کي صوبي ۾ کيرو ۽ شوگر سميت بنيادي ضرورتن جي قيمتن جو تعين ڪرڻ جو اختيار هوندو. عدالت رٽيلرز، کيرو ڪرو ڪندڙ سميت درخواستگذارن جي غير حاضري تي عدالت سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو ته جيڪا درخواستگذار عدالتي ڪاروائي ۾ شريڪ نٿا ٿين جو نالو فهرست مان خارج ڪري ڇڏيو. عدالت کير وڪرو ڪندڙن سميت ٻين کي ٻيهر نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. عدالت ايڊيشنل جي اسٽنٽ اٽارني جنرل کان درخواست ٻڌڻي جي قابل آهي يا نه آهي دليل طلب ڪري ورتا آهن. عدالت ڪيس جي 31 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار ايڊووڪيٽ طارق منصور چيو ته گذريل ٻه سالن ڪراچي جي شهرين سان 47 ارب رپين کان وڌيڪ منافع خور ورتا آهن. مسابقتي ڪميشن جي رپورٽ تصديق ڪئي آهي. ڪراچي جي ڪمشنر کي قيمتن جي تعين جو اختيار نه آهي.

بقايا 27

ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻڌڻي دوران غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي کير وڪرو ڪندڙن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. ڊائريڪٽر جنرل بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز جي مقرري جو نوٽيفڪيشن پيش ڪيو ويو جنهن موجب ڊي جي کي اختيار هوندو ته صوبي ۾ بنيادي ضرورتن جا اگهه طئي ڪري. عدالت ريٽيلرز، کير وڪرو ڪندڙن سميت درخواستگذارن جي غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته درخواست گذار پيش نه ٿيا ته ڪين لسٽ مان ڪڍيو ويندو. عدالت طرفان کير وڪرو ڪندڙ ۽ ٻين کي پاڻمرادو نوٽيس جاري ڪيا ويا جڏهن ته اسسٽنٽ جنرل پنهنجي دليل ۾ چيو ته درخواست ٻڌڻي جوڳي ناهي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي درخواست ٻڌڻي جوڳي هجڻ تي دليل طلب ڪري ورتا، درخواست ۾ چيو ويو آهي ته ڪمشنر ڪراچي کي کير جي اگهن جي تعين جو اختيار ناهي.

بقايا 28

آيو آهي. راڄ ناٿ سنگهه چيو ته ڀارتي فوج پنهنجي ملڪ جي سلامتي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 29

۾ پنج گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي. پوليس ٽن ڄڻن جي پتو لڳائيندي رپورٽ پيش ڪندي عدالت کي آگاهه ڪري ڇڏيو پوليس طرفان عدالت کي ٻڌايو ويو ته ٿنهي کي سهراب ڳوٺ ۽ اسٽيل ٽائون پوليس گرفتار ڪيو. عدالت ٿنهي جي بازيابي بابت درخواستن کي اڪلائي ڇڏيو.

بقايا 30

متاثره ڇوڪريءَ وڌيڪ ٻڌايو ته سائبر ڪرائم سان واسطو رکڻ واري عورت تصديق ڪئي هئي ته ڪيس 50 سيڪڙو رقم آپريشن کان اڳ جڏهن ته 50 سيڪڙو آپريشن کان پوءِ ڏني ويندي. پرڏيهي خابر اداري موجب نرسنگ اسڪول جي شاگرديائي هلندڙ هفتي، سومر جي ڏينهن گنتور پوليس کان مدد لاءِ رابطو ڪيو هو. گنتور، حيدرآباد سان تعلق رکندڙ هڪ نرسنگ جي شاگرديائي ٻڌايو ته هن سنڌس پيءُ جي اڪائونٽ مان ٻه لک رپيا ڪڍي استعمال ڪيا هئا. هوءَ اها رقم پيءُ جي بينڪ اڪائونٽ ۾ واپس وجهڻ ٿي چاهي. ان لاءِ هن پنهنجو گردو وڪرو ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. ان دوران هن جي ضرورت جو فائدو وٺندي هن کي 3 ڪروڙن جي لالچ ڏئي وڌيڪ 16 لک ورتا ويا. اهي پيسا هن سائبر ڪرائم گروپ کي ٽيڪس ۽ پاليسي جي مد ۾ آن لائين منتقل ڪيا هئا. رپورٽ موجب پيسا واپسي جي مطالبي تي سائبر ڪرائم گروپ ڪيس دهلي گهرايو. دهلي پهچڻ ڪي خبر پئي ته اهو هڪ فرضي فرم ذريعي ڪيو پيو وڃي. ٻئي پاسي متاثره ناري جي پيءُ جو پوليس ۾ بيان آهي ته سنڌس هڪ اي ٽي ايم ڪارڊ ڏيءُ وٽ هو. ڏيءُ طرفان نومبر ۾ 16 لک رپيا نقد ڪڍيا ويا ته ڪيس گهر واپس اچڻ لاءِ چيو پر هوءَ گهر واپس اچڻ جي جڳهه تي حيدرآباد، هاسٽل مان ڀڄي وئي. پوليس پاران ڌيءَ کي ٽريس ڪرڻ تي خبر پئي ته هوءَ حيدرآباد موجود آهي.

بقايا سنڌيار 01

ڪي ڊاڪٽر امان الله سهرياڻي، ڊاڪٽر خالد حسين پنهور حضور بخش سومرو، ٻين شهرين وڪيل محمد نواز بنگوار، غلام مصطفي ميراڻي، بادل ميراڻي بشير ميراڻي ۽ ٻين چيو ته اسان جي شهر ڪنڌڪوٽ جو امن امان ڪافي ڏينهن کان وٺي خراب بڻجي ويو آهي هر ماڻهون خوف حراس ۾ آهي شهر جون رونقون ختم ٿي ويون آهن اسان جي شهر جي مختلف محلن ۾ اغوائن جو وارداتون موٽر سائيڪل چاٻي چور جون وارداتون رڪجي نه سگهيون آهن اسين سيني جو هڪ ئي مطالبو آهي ته اسان جي شهر جي ڪنڌڪوٽ ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي ۽ جيڪي اغواه ٿي ويل مغوي آهن انهن کي بازياب ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ڪنڌڪوٽ ايس ايس پي زبير نظير شيخ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪنڌڪوٽ جي امن امان جي صورتحال بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي اسان جي ضلعي جي پوليس ڌاڙيلن جي خلاف ڪاروائي ڪري مغوين کي جلد بازياب ڪرائي ۽ موٽر سائيڪل چاٻي چورن خلاف ڪاروائي ڪري ڪنڌڪوٽ شهر ۾ امن امان بحال ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 02

۽ پشاور جڏهن ته پول بي ۾ لاهور ۽ مردان جي ٽيمن مقابلا ڪٽي سيمي فائنل لاءِ جڳهه ناهي ورتي جڏهن ته سيمي فائنل ۽ فائنل جا مقابلا سياٽي بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ منعقد ڪيا ويندا فائنل ڪٽيندڙ ٽيم کي ٽرافي ۽ ڪيش انعام پڻ ڏنو ويندو

بقايا سنڌيار 03

ورتل آهن. دڙولڳ ڳوٺ گل ملاح ۾ ارڙي وگهي ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو شبير پٽ عاشق علي ملاح فوت ٿي ويو. سجاول جي صحت کاتي ارڙي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي به اُپا نه ورتا آهن. دڙو، ٻنون، لاڏيپور، ٻچل گگو ۽ پرياسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ صحت کاتي جي لاپرواهي سبب معصوم ٻارڙن جون حياتيون داءَ تي لڳل. ڳوٺاڻن پاران احتجاج. فوري طور تي صحت کاتي جون هنگامي ٽيمون موڪلي ٻارن کي ويڪسين ڪرائڻ جو مطالبو.

بقايا سنڌيار 04

وچ بازار ۾ اڻڄاتل چور هٿوڙن سان شفيق ميمڻ جي جنرل اسٽور جا تالا ٽوڙي دڪان ۾ رکيل 2 لک 70 هزار روڪ رقم ۽ 50 هزارن جي ماليت جو سامان چورائي فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ متاثر دڪاندار مانجهند ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر پوليس ڪا به اڳيرائي نه ڪري سگهي جڏهن ته متاثر ذاتي طور مقامي پيرين جي مدد سان پڻ پير ڪڍايا هوڏانهن ايس يو پي اڳواڻ علي نواز ڪنير سيد اعظم شاه اصغر ميمڻ انتظاميا کي چوري واپس نه ٿيڻ جي صورت ۾ شٽر بند هڙتال ڪري ڌرڻو هڻڻ جو چتاءُ ڏيندي چيو ته چورن کي سياسي بااثرن جو آشيرواد هئڻ سبب اڳ ۾ ڪيترئون ئي ٿيل چوريون پوليس واپس نه ڪرائي سگهي آهي

بقايا سنڌيار 05

جي ٻوڏ متاثر ڳوٺن جو دورو ڪري ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪئي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه منڇر ڍنڍ جو به دورو ڪيو ۽ منڇر جي بندن جي مضبوطيءَ لاءِ شروع ٿيل ڪم جو جائزو پڻ ورتو وڏي وزير سيد مرادعلي شاهه پاڻ سيد آباد ويجهو گورنمينٽ اسڪول دوست محمد رودناڻي جي جي زبون حال عمارت جو دورو ڪيو اسڪول جو 2014 ۾ افتتاح ٿيو هو اتي ويٺل ٻوڏ متاثرين لاءِ راشن ۽ ميڊيڪل جي سهولتن جو جائزو ورتو وڏي وزير ماڻهن جي شڪايت تي علائقي ۾ مچرمار اسپري علائقي ۾ جلد ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

بقايا سنڌيار 06

ٻن مڇي جي واپارين علي غلام ملاح ۽ علي حسن کان نامعلوم هٿيار بندن پاران ٻه موٽر سائيڪلون ۽ هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته خليفو قاسم جي صحافي احسان چانڊيو جي تنڊوباگو واري گهر مان سولر پليٽون، ٻه پنکا، موبائيل فون ۽ روڪ رقم چور چوري ڪري ويا. مڇي جي واپارين پاران رمضان ملاح، رفيق ۽ خميسو ملاح جي اڳواڻي ۾ تنڊوباگو ٿاڻي اڳيان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. تنڊوباگو شهر ۽ پرياسي وارن روڊن تي موٽر سائيڪلن ڦر ڪرڻ جا واقعا وڌي ويا آهن. تنڊوباگو پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. تنڊوباگو جهڏو روڊ تي ٽئون ماڪ واهه پرسان نامعلوم هٿيار بندن مڇي جي واپاري علي غلام ملاح کي روڪي مٿس سخت تشدد ڪرڻ کان پوءِ موٽر سائيڪل ۽ 15 هزار روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته تنڊوباگو بدين باءِ پاس تي مڇي جي ٻي واپاري علي حسن کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ٻي طرف نامعلوم چور خليفو قاسم جي صحافي احسان علي چانڊيو جي گهر مان سولر پليٽ، پنکا، موبائيل فون ۽ روڪ رقم چور چوري ڪري ويا آهن.

بقايا سنڌيار 07

پيپلزپارٽي ايم پي اي مير غلام عابد خان سندراڻي، ڊپٽي ڪمشنر منور علي منياڻي پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل عملدارن جي شهر جي اهم مسئلن تي گڏجاڻي ٿي. گڏجاڻي ۾ ايم پي اي ڪامورن کي هدايت ڪئي ته شهر اندر صفائي جو وڏو مسئلو آهي جنهن کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي ، شهر اندر گٽرن جا ڍڪڻ ڪليل آهن شهر اندر ڏورن جو آزار وڌي ويو آهي اسٽيريٽ لائٽ جو وڏو مسئلو آهي جنهن کي جلد حل ڪيو وڃي شهر ۾ حد دخلين جو وڏو مسئلو آهي جيڪو حل ٿيڻ کپي. ڊپٽي ڪمشنر گڏجاڻي سان خطاب ڪندي چيو ته شهر جي مسئلن جي حل لاءِ انتظاميه پاران سخت کان سخت قدم کنيا ويندا ڪنڌڪوٽ اسان جو حصو آهي ضلعي اندر لئبريري ڊئلاسسز ۽ ٻيون سهولتون موجود آهي شهر جي صفائي جو وڏو مسئلو آهي جنهن جلد حل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

سجاول پهچي ٽي ايم او سان ڳالهه ٻولهه ڪري بک هڙتال ڪئمپ ختم ڪرائي. سجاول شهر جو رهواسي ٺيڪيدار عثمان لونيو ٽائون ڪميٽي تي رهيل ترقياتي ڪمن جا 45 لک روپيه نه ملڻ خلاف ٽائون ڪميٽي اڳيان ٻارن ٻچن سميت مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪئمپ لڳائي ويٺو هو. 18 ڏينهن گذرڻ بعد ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي جو پاءُ غلاعلي مگسي ۽ ايس ٽي پي سجاول ضلع جو جوائنٽ سيڪريٽري عبدالواحد خاصخيلي سجاول پهچي ٽي ايم او سجاول ڪندن لال سان هن جي مسئلي بابت ڳالهه ٻولهه ڪري بک هڙتال ختم ڪرائي. ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن چيو ته 18 ڏينهن کان ٺيڪيدار عثمان لونيو پنهنجي حق خاطر ٻارن ٻچن سميت ٽائون ڪميٽي اڳيان بک هڙتال تي ويٺل هو جنهن جو خبرون سوشل ميڊيا تي هلڻ کان پوءِ ايس ٽي پي ضلع سجاول طرفان ٽي ايم او سجاول ڪندن لال سان هن جي مسئلي جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن تي ٽي ايم او سجاول 23 تاريخ تي مسئلو حل ڪرڻ جي يقين ڏياني ڪرائڻ تي اسان ٺيڪيدار عثمان لونيو جي بک هڙتال ڪئمپ ختم ڪرائي. جيڪڏهن 23 تاريخ تي اهو مسئلو حل نه ٿيو ته اسان ايس ٽي پي ضلع سجاول طرفان ٺيڪيدار عثمان لونيو سان هن جدوجهد ۾ گڏ هونداسين. هوڏانهن بک هڙتال تي ويٺل ٺيڪيدار عثمان لونيو چيو ته آئون ايس ٽي پي اڳواڻ غلام علي مگسي ۽ عبدالواحد خاصخيلي جو شڪر گذار آهيان جنهن مون غريب وٽ پهچي منهنجي سار لڌي ۽ مبهنجو مسئلو حل ڪرايو. ان موقعي تي سورج سجاولي پريس ڪلب جي سٽ ساگرسليم ڪوسو، امتياز ميمڻ، جاني جوڳي، خالد طاهراڻي، ايس ٽي پي سجاول جو گل حسن رند ۽ فاروق شيدي موجود هئا.

بقايا سنڌيار 09

تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ٻيو چاچو پير مهاولي لنڪ روڊ لڳ راجو پير وٽ چاچو هٽي هڪ جوابدار نالي علي حيدر عرف مور پٽ غلام حيدر ڪيريو ويٺل ڳوٺ تلي کي گرفتار ڪري وٽائنس چار سو زيڊ 21 هٽ ڪري مٿس گناهه نمبر 2022 / 251 تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 10

,اسان جي ذاتي گهٽي تي قبضو ڪري اسان کي مارڻ چاهين ٿا, جوابدار ايترا ته بااثر آهن جو ڪير به اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن ,مسمات پٺاڻي ,در خاتون چوهاڻ ,مسمات رحيمان چوهاڻ جو صحافين آڏو دانهون اسان سان انصاف ڪيو وڃي تفصيلي خبر موجب سينارجا جي محلا عثمان آباد جي چوهاڻ برادري جي عورتن درخاتون ,مسمات پٺاڻي,مسمات رحيمان چوهاڻ احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي الزام هنيو ته بااثر عبداللطيف لنڊ ۽ محمد جمن لنڊ اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان جي ذاتي گهٽي آهي پنهنجن گهرن جي لاءِ ٺاهي آهي جنهن تي هي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جوابدار ايڏا ته بااثر آهن جو اسان جي به ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي اسان سان انهن جو ايڏو ظلم آهي جو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي,اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته اسان ايس ايس پي خيرپور آفيس اڳيان پنهنجو پاڻ کي باهه ڏينداسين

بقايا سنڌيار 11

ذوالفقار علي پنهور جي دوري هفتو اڳ مهاٻوڏ دوران پاڻي جي تيز وهڪري دوران ڪڪڙ لڳ ايم اين وي ڊرين مٿان تباهه ٿيل جوهي بئراج ڪاري موري پل جو وڏو وزير جائزو وٺندو ۽ نئين سر تعمير ڪرڻ جي منظوري ڏيڻ جا پڻ امڪان آهن بعد ۾ ڪي اين شاهه پهچي پمپنگ اسٽيشن جو دوري ڪرڻ بعد 2مهينا اڳ ڪي اين شاهه واسي نوري آباد سانحي ۾ باهه ۾ سڙي فوت ٿي ويل مغيري برادري جي 19ڄڻن جي فوت جي واقعي بعد وارثن وٽ پهچندو جتي قربان مغيري ۽ ظفر سان پڻ تعزيت ڪندو وڏو وزير ڪي اين شاهه ۾ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارو جي دعوت ۾ پڻ شرڪت جا پڻ امڪان آهن ان دوران پ پ ضلعي دادو قيادت ساٿس گڏ هوندي جن ۾ صدر ايم اين اي رفيق جمالي صوبائي وزير فياض بٽ پ پ ايم اي اي جوهي سيد صالح شاهه ايم اين اي عرفان لغاري ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارو پ پ اڳواڻ زبير احمد جوٽيجو ب گڏ هوندا وڏي وزير جي آمد کان سيڪورٽي جا انتظام سان گڏوگڏ صفائي انتظام سخت ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن

بقايا سنڌيار 12

علي ملڪ، سماجي اڳواڻ محمد جاويد ملڪ جي اڳواڻي ۾ يوسي عمرڏهو سرحد، يوسي سندراڻي، يوسي اتل مراداڻي، يوسي علي باغ ۽ پرياسي جي ٻين علائقن ۾ سوين برسات متاثرين ۽ ٻين غريب ڳوٺاڻن ۾ گرم ڪپڙا، ڪمبل ۽ سوڙون، وهاڻا توڙي ٻيو سامان ورهايو ويو، ان موقعي تي سماجي اڳواڻ چيف احمد علي ملڪ ۽ محمد جاويد ملڪ جو چوڻ هو ته اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت سماجي تنظيم ينگ ملڪ اتحاد ۽ ملڪ فلاحي جماعت سکر جي پليٽفارم تان مسڪين ماروئڙن جي مدد ڪري رهيا آهيون ۽ انسانيت جي خدمت اسانجو عزم آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪورونا وائرس ۽ سيلاب ۾ به اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت هزارين مستحقن جي سهائتا پڻ ڪئي

بقايا سنڌيار 13

بروهي، ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي، ايس ايس پي نوابشاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ سعود امير مگسي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته منشيات ۽ گٽڪي ماوا جي ڪاروبار خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وڃن ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن جي گرفتاري کي يقيني بڻايو وڃي. ايس ايس پيز ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کي پنهنجي لاڳاپيل ضلعن ۾ امن امان ۽ ڏوهن جي صورتحال کان آگاهه ڪيو. ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز کي خطاب ڪندي چيو ته هو جوابدارن جي گرفتاري کي يقيني بڻائين ۽ مفرور جوابدارن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ڊي آءِ جي ايس ايس پيز کي اها به هدايت ڪئي ته هو ذاتي طور تي سنگين ڪيسن جي جاچ جي نگراني ڪن ۽ جاچ کي شفاف بڻايو وڃي ته جيئن ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن کي قانون موجب سزا ملي سگهي. ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز کي حڪم ڏنو ته جاچ ڪميٽي جي مقرر ڪيل ضابطن تحت مقرر ڪيل گارڊن کان سواءِ سمورن پوليس آفيسرن، ڪورٽ جي آفيسرن، بيوروڪريٽس، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن کان واپس گهرايو وڃي. بعد ۾ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد رينج آفيس ۾ پوليس موبائيل ۽ موٽر سائيڪلن جو معائنو پڻ ڪيو، انسپيڪشن دوران ڊي آءِ جي حڪم جاري ڪيا ته گاڏين کي چڱي ريت سنڀاليو وڃي ۽ روڊن تي ايندڙ گاڏين کي جلد کان جلد هٽايو وڃي.

بقايا سنڌيار 14

جي باني سماجي ورڪر نياز حيدري طرفان ٻوڏ متاثر علائقن جي مالوندن پاڃين جي لاءِ آيل به ڪٽي ڏارو اقتداري ڏر جي وڏيرن طرفان مبينا طور وڪرو ڪرڻ خلاف بينر کڻي شهر جو گشت ڪري تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج رڪارڊ ڪرايو، ان موقعي سماجي اڳواڻ نياز حيدري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ سبب ماڻهن جو سمورو سامان ٻڏي لڙهي ويو آهي هن وقت معصوم ٻار توڙي جانور غذا جي کهوٽ سبب موت جو شڪار ٿي رهيا آهن. پر افسوس هتي جا حڪمران توڙي انتظاميه انهن لاءِ ڪي به اپاءُ ناهي وٺي سگهي اڃا جيڪو ٻاهرين ملڪن کان فنڊ اچي پيو راشن وغيره ۽ مال جو چارو اهو به سواءِ حڪومت ڌر جي من پسند ماڻهن جي ٻئي ڪنهن کي به نه پيو ملي ۽ مبينا وڪرو

ڪيو پيو وڃي هن اعلي عملدارن مطالبو ڪندي گهر ڪئي نوٽيس وٺي سڀني متاثرين برابر راشن ۽ ٻيون ضروري شيون مهيا ڪري چوپائي مال لاءِ چارو ڏئي ٻوڏ متاثرين کي رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ ذميوارن طرفان فرض ۾ ڪيل ڪوتاهي ۽ مبينا ڪيل ڪرپشن جو نوٽيس وٺي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 15

وڃي اين سي داخل ڪرائي ڇڏي. ان موقعي تي ميل نرس صفيع الله ٻگٽي ٻڌايو ته مان چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ ميل نرس جي ڊيوٽي ڪندو آهيان اڄ پنهنجي نور ڪالوني واري گهر مان ڊيوٽي لاءِ اسپتال اچي رهيو هيس ته بختاور پارڪ وٽ ٻن موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن يرغمال بڻائي تڇ موبائيل ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي پوليس نه پهتي بعد ۾ مون ٿاڻي تي وڃي اين سي داخل ڪرائي پر پوليس ڦورن جو ڏس پتو نه لڳائي سگهي آهي، هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته موبائيل واپس ڪرائي ڦورن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

لاءِ دربدر ڪيو پيو وڃي ٽيندڙ ناانصافين خلاف ڪم ڪندڙ ڊرائيور سراپا احتجاج بڻجي ويا آهن انهي سلسلي ۾ گذريل ڏينهن سمورن ڊرائيورن پاران ڪم ڇڏ هڙتال ڪري گيٽ جي اندر احتجاج ڪيو ويو انتظاميه پاران احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون به ڪيون ويون جيڪي ناڪام ثابت ٿيڻ تي ڊرائيورن پاران احتجاج جاري رکيو ويو انهي حوالي سان احتجاج ڪندڙ ڊرائيورن الزام هڻندي چيو ته ڪمپني سهوليتون ته نٿي مهيا ڪري پر اسان کي وقت سر پگهار به نٿو ڏنو وڃي ڪن کي ٻن مهينن ته ڪن کي ٽن مهينن کان پگهارون نه ڏنيون ويون آهن اسان جو روزگار اهو ئي جنهن مان ٻچن جو پيٽ پاليون ٿا پر پگهار نه ملڻ سبب ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن هر روز ٿلها دلاسا ڏنا وڃن ٿا جيڪڏهن ڪو احتجاج ڪري ٿو ته ان کي بليڪ لسٽ ڪري نوڪري مان ڪڍيو وڃي ٿو ڊرائيورن ناله نه ٻڌائڻ جي شرط تي چيو ته گذريل ڏينهن اسان پگهارن لاءِ احتجاج ڪيو انتظاميه ڳالهيون ڪيون انهي دوران ڪمپني انتظاميه ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪو ڊرائيور ڊيوٽي تي نه لڳو ۽ احتجاج ۾ شامل ٿيندو انهي کان روزگار مان ڪڍيو ويندو ۽ انتظاميه اسان جي اڳواڻي ڪندڙ غلام مهراڻپوٽو ۽ هڪ ٻي ڊرائيور کي نوڪري مان ڪڍڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن تي هو ٻئي بيهوش ٿي ڪري پيا ڪمپني وارا انهن کي اسپتال پهچائڻ لاءِ گاڏي ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا گوڙ ڪرڻ بعد هنن کي علاج لاءِ اسلام ڪوٽ اسپتال نيو ويو جتان چيو وڃي ٿو ته غلام مهراڻپوٽو کي دل جو دورو پوڻ سبب مٺي نيو ويو آهي،هنن چيو ته اسان سان ظلم ٿي رهيو آهي ڪير اسان جي

بقايا سنڌيار 17

وارن ميڊيا کي ٻڌايو ته غوثپور جي ڪچي واري علائقي جا ڏوهاري دوکي سان لاڙڪاڻي مان ڪار ٽيڪسي ڪرائي تي ڪرائي آيا هئا رات دير سان دڙي شاخ پل واري علائقي مان ڏوهاري ڪار ڇڏي ڊرائيور زاهد عمراڻي کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا آهن پوليس جو موقف غوثپور ٿاڻي جو وڏو منشي عبدالمجيد ميراڻي پنهنجي ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي ۽ ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 18

محمد فاروق حسن شاهه رسي چڪي کيو ان موقعي تي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن عبدالعليم لاشاري چيو ته رانديون صحت مند سرگرمين لاءِ اهم آهن انهي لاءِ اهڙا رانديون جا مقابلا ڊويزن ۽ ضلع سطح تي منعقد ٿيڻ گهرجن ته جئين نوجوانن کي رانديون جي ميدانن ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائڻ جو موقعو ملي سگهي هن وڌيڪ چيو ته تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد پاران آل پاڪستان ٽگ آف وار جا مقابلا منعقد ڪرائڻ هڪ بهترين قدم آهي چاڪاڻ ته حاليه برساتن ڪانپوءِ شهيد بينظيرآباد ۾ پهريون ڀيرو رانديون جا مقابلا ٿي رهيا آهن جيڪو هڪ بهترين قدم آهي ان موقعي تي تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد فاروق حسن شاهه چيو ته تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي ميزباني هيٺ هي آل پاڪستان انٽر بورڊ ٽگ آف وار چئمپين شپ جي رانديون جا شاندار مقابلا منعقد ڪرايا پيا وڃن جنهن جو مقصد نصابي سرگرمين سان گڏوگڏ غيرنصابي سرگرمين ۾ نوجوان نسل کي موقعو فراهم ڪرڻ آهي

هن وڌيڪ چيو ته ٽگ آف وار جي رانديون ۾ شهيد بينظيرآباد، ڪراچي، سکر،لاهور،سوات، پشاور سميت مختلف تعليمي بورڊن جون ٽيمون حصو وٺي رهيو آهن هن ٻين صوبن مان ايندڙ ٽيمن ۽ انتظاميه جو شڪريو پڻ ادا ڪيو افتتاحي تقريب ۾ تعليمي بورڊ جي امتحانن واري ڪنٽرولر احسان علي پنهور، ڊپٽي ڪنٽرولر محمد حسن ڪوسو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز شهيد بينظيرآباد عبدالستار پيرزادو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر قربان علي راهو،ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جاويد احمد انڙ، انفارميشن آفيسر اعجازعلي تيوڻو، وحيد مغل، فقيرمحمد ڏاهري، اسپورٽس آفيسر فدا حسين ڏاهري، حسن علي عسڪري سميت اسپورٽس سان لاڳاپيل عملدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

آجياڻي واري تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ جنرل سيڪريٽري الهه ورايو ڪلو جوائنٽ سيڪريٽري دلنواز مگريو خزانچي بلاول ڪوڪر لائبريري سيڪريٽري ظفر گهانگهرو سميت نالي وارن قانوندانن حاڪم علي ڪنڊ علي نواز مگريو صدرالدين اڄڻ بختيار حسن گهانگهرو احسان احمد ملاح سيد سليم شاهه فهد پيرزادو سميت سياسي سماجي شخصيتن ۽ معززن شرڪت ڪئي پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جڏهن ته ڪامياب عهديدارن ۽ آيل مهمانن کي گلن جا هار پارايا ويا تقريب ۾ صوفي راڳ جي محفل پڻ ٿي گذري جنهن ۾ صوفي فنڪار گلزار علي خشڪ صوفي محفل سجائي سر وڪيريا آخر ۾ ڪامياب عهديدارن ۽ مهمانن کي مانجهاندو ڪرايو ويو.

بقايا سنڌيار 20

نيب عدالت ۾ ٻڌڻي تي عدالت 7 جنوري تائين ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي اهڙو اظهار هن نيب عدالت سکر ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو مليحا سومرو انڪشاف ڪيو ته صوبائي مشير اعجازجکراڻي برسات متاثرين جي آيل فنڊن ۾ چاليه ارب روپين جون گهوٻيون هنيون آهن ٻين سڀني مچو آهي پر اعجازجکراڻي نه مڃي اعجازجکراڻي اڳ به فنڊن جو غلط استعمال ڪيو آهي عدالت مان انصاف جي اميد آهي

بقايا سنڌيار 21

اسڪول سيتاروڊ جي نااهل ۽ بداخلاق پرنسيپال الياس ابڙو خلاف سخت نعرا هڻي احتجاج ڪيو تفصيل موجب. گورنمينٽ بوائز هائير سڪنڊري اسڪول سيتاروڊ ۾ مڊ_ٽرم پيپرٽيڻ کان پوءِ گسٽا يونٽ جي عهديدارن ۽ ميمبر استادن پانهن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول سيتاروڊ جي نااهل ۽ بداخلاق پرنسيپال الياس ابڙو خلاف سخت نعرا هڻي احتجاج ڪيو. هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نااهل پرنسيپال الياس ابڙو کي فوري طور هٽائي فيميل پرنسيپال مقرر ڪري نياڻين جي تعليم کي بچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 22

گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته گذريل 3 سالن کان وٺي اسان سان مسلسل زيادتيون ڪيون پيون وڃن. پاڙيسري ملڪ جي چوڻ تي سنڌ حڪومت منهنجي مٿان سنڌ جي عليحدگي پسند جماعت جو الزام مڙهي منهنجو نالو فورٿ شيڊيول ۾ وڌو آهي. اهڙو مسئلو ٿيڻ کان پوءِ اسان سنڌ جي گهرو کاتي سان رابطو ڪيو جن اسان کي جواب ڏنو ته لاڙڪاڻي جي انتظاميه ۽ پوليس طرفان اهڙو خط ڪين اماڻيو ويو آهي پر حقيقت ۾ 4 مهينا اڳ لاڙڪاڻي جي انتظاميه ۽ پوليس جي اعلي عملدارن گهرو کاتي کي لکيو هو ته سيد علي رضا عرف جاني شاهه کي سيڪيورٽي جو خطرو آهي ان جي باوجود به اهڙي مسئلي طرف گهرو کاتي ۽ آءِ جي سنڌ پوليس ڪو ڌيان نه ڏنو جنهن مان ثابت ٿي رهيو آهي ته بندوق جي زور تي اسان کان مذهب تبديل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پر اسان ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اسان امام حسين عليه السلام جا شيعا آهيون، اهڙن هٿڪنڊن کان ڊڄڻ وارا نه آهيون. هن چيو ته مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سنڌ ملڪ جي اثناءَ عشري مومنن ۽ عزادارن جي واحد جماعت آهي، جيڪا محب وطن تنظيم آهي، پر افسوس جو اسان مٿان دهشتگردي جو ٺپو لڳائي پابنديون مڙهيون پيون وڃن پر اصل ۾ اسان جي جماعت 14 آگسٽ، يوم ڪشمير سميت ملڪ جو هر خاص ڏينهن ملهائيندي آهي ان جي باوجود به اسان سان ناانصافيون ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته اهڙي معاملي تي

سنڌ حڪومت کي سوچڻ گهرجي ٻي صورت ۾ مرڪز ولايت علي عليه السلام جي لاڙڪاڻي سميت سڄي ملڪ ۾ احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪنداسين، خاص ڪري ته 27 ڊسمبر تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب طرف ايندڙ رستا بند ڪري احتجاج ڪيو ويندو. هن مطالبو ڪيو ته فورٿ شيڊيول ۾ وڌل نالا ختم ڪرڻ سان گڏ اسان مٿان داخل ڪيل سمورا ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

هٽ ڪئي وئي، ٿارو شاهه ٿاڻي جي پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 03 جوابدارن کي چرس، شراب ۽ نقصانڪار گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار ميرخان چانڊيو جي قبضي مان 1400 گرام چرس هٽ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، گرفتار ملزم جي قبضي مان 10 ليٽر شراب هٽ ڪرڻ بعد حڪومت جي فرياد تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، گرفتار جوابدار علي/ علي رضا سومرو جي قبضي مان 105 ساشي گٽڪا هٽ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، پريا روڊ پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 03 جوابدارن کي شراب ۽ مضر صحت گٽڪي سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار ظفر/ ظفري راجپوت جي قبضي مان 10 ليٽر شراب هٽ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، گرفتار جوابدار عظيم مري جي قبضي مان نقصانڪار گٽڪا جا 04 پيڪيٽ هٽ ڪرڻ بعد مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، گرفتار جوابدار دلبر/دل مري جي قبضي مان 20 ليٽر شراب هٽ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، ٻئي طرف ايس ايڇ او پريا روڊ امتياز علي ڪلهوڙو پوليس اهلڪارن سان گڏ ڪارروائي ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٽ ڪري ورتي. _تصديق ڪانپوءِ برآمد ٿيل موٽرسائيڪل اصل مالڪ مصري خان مجيدانو حوالي ڪئي وئي ڪنڊيارو پوليس ڪارروائي ڪري ٻن جوابدارن کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار مختيار گانگهرو ۽ اميش اوڙ جي قبضي مان*240 گرام چرس هٽ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، محرابپور پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار راشد آرائين جي قبضي مان 03 پيڪيٽ نقصانڪار گٽڪا هٽ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، مورو ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار محمد خان ڏاهري جي قبضي مان 50 ليٽر شراب هٽ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو، ٻئي طرف ايس ايڇ او ڦل رفيق احمد ٻوهيو پوليس اسٽاف سان گڏجي ڦل ٿاڻي جي حد مان ڪجهه ڏينهن اڳ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٽ ڪري ورتي. _*برآمد ٿيل موٽرسائيڪل تصديق بعد اصل مالڪ حافظ سڪندر چانڊيو حوالي ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 24

آهر اوهان سان گڏ آهيون زاهد حسن چمه ويلفئر فائونڊيشن سيلابي صورتحال جي پهرين ڏينهن کان ئي تعلقي جهڏي ۾ عملي طور تي ڪم ڪري رهي آهي تيار ٿيل کاڌو، پيئڻ جو صاف پاڻي، راشن مڇردانيون ڪپڙا، خيما ڏيئي رهيا آهيون، هن وڌيڪ چيو ته هن صورتحال مان نڪرڻ کان پوءِ اسين تعلقي جهڏو جي ڳوٺن ۾ نياڻين جي لاءِ سلائي سينٽر به کوليندا سين ۽ نياڻين جي تعليم جي بهتري جي لاءِ ٽيوشن سينٽر پڻ کوليا ويندا، رانهي موقعي تي سماجي اڳواڻ سعيد چانڊيو، عظيم الدين، ملڪ فيصل، محمد عالم چانڊيو پرڪاش راٺوڙ پڻ موجود هئا چانڊيو

بقايا سنڌيار 25

احمد جاگيراڻي، تحريڪ جوانان پاڪستان ضلعي نائب صدر خالد حسين چانڊيو ۽ ٻين چيو ته پنج مهينا اڳ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ ٻوڏ ۽ برساتن تباهي مچائي ڇڏي جنهن ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ مال متاع مري ويو ڪيترائي متاثر هن وقت به کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن پر ڪين راشن، ٽينٽ ۽ ٻيو سامان ناهي مليو ۽ ماڻهو ٿڌ ۾ مري رهيا آهن ان کان اڳ ٻوڏ ۾

ڪيترائي ماڻهو مري چڪا آهن. هنن چيو ته ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثرن جي واهر لاءِ اسان تڪ جي چونڊيل ايم اين اي مير عامر خان مگسي، آفتاب شهبان ميراڻي، مير نادر مگسي، برهان خان چانڊيو، سردار خان چانڊيو، گهنور اسراڻ سميت ضلعي انتظاميه جي عملدارن سان ملاقاتون ڪري ڪين متاثرن جي واهر ڪرڻ لاءِ ايلازمنٽون به ڪيون پر اهي پنهنجي من پسند ماڻهن کي راشن، ٽينٽ ۽ ٻيو سامان ڏئي حقي متاثرن کي نظرانداز ڪري رهيا آهن اهڙي عمل خلاف اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ نومبر مهيني ۾ پٽيشن داخل ڪرائي جنهن جي اڄ ٻڌڻي تي ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻيا عملدار پيش ٿيا پر انهن جي رويي مان ائين لڳي ٿو ته هو متاثرن جي واهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته جلد کان جلد ٻوڏ ۽ برسات متاثرن جي واهر ڪري ڪين راشن، ٽينٽ ۽ ٻيو سامان ڏئي امدادي سامان ۾ ڪرپشن ڪندڙ چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميه خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 26

جي مرڪزي سڏ تي جاگيرداري نظام ۽ نوان صوبا ناهڻ لاءِ جوڙيل ڪميٽي خلاف سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان، ڪامريڊ غلام مصطفي چانڊيئي، ڪامريڊ سرتاج چانڊيئي، نوريز چانڊيو، حميد انقلابي، جاويد چنا، وحيد چانڊيو، آفتاب چانڊيئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عوامي هائوس کان وارهه پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته غير جمهوري قوتن جي حڪمن تي نوان صوبا ناهڻ لاءِ ملڪ دشمن ۽ عوام دشمن ڪميٽي ناهي هڪ پيرو پيهر ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. سنڌ ٽوڙي ملڪ جي سالميت خطري ۾ وجهڻ جو وفاقي حڪومت کي ڪو به اختيار ناهي. هي صوبا ڪميٽي ملڪ ٽوڙڻ جي سازش آهي. نوان صوبا ڪميٽي قائد اعظم جي پاڪستان تي حملو آهي، جاگيردارن هٿ وٺي سنڌ ٻوڙائي، سامراجي قوتن عوام دشمن ۽ ملڪ دشمن صوبا ڪميٽي ناهي آهي، سنڌ جا جاگيردار سنڌ ٽوڙڻ جي سامراجي سازش ۾ ملوث آهن. جاگيرداري نظام ختم ڪري سنڌ بچايو. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جاگيرداري نظام پنهنجي ساهه جون آخري سسڪيون کڻي رهيو آهي پر ملڪ تي قابض غير جمهوري قوتون عالمي سامراج جي ايجنڊا تي عمل ڪندي ان کي قبر مان ڪڍي عوام جي رت جون ٻوتلون پياري مچائي مواڙ ڪيو آهي، سنڌ ايپيڪس ڪميٽي سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندي قبائلي سردارن کي جرڳن جا اختيار ڏئي هارين کي سردارن ۽ جاگيردارن جو غلام بڻائي ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ هٿ وٺي ٻوڏ آڻي، ٻوڏ متاثرن جي لاءِ آيل امداد اين ڊي ايم اي ۽ سنڌ جي جاگيردارن پاڻ ۾ ورهائي ونڊي کاڌو. ٻوڏ متاثرن جي امداد ۾ ڪرپشن ٿي جنهن ڪري سنڌ جا غريب مسڪين ماڻهو بک وگهي مري رهيا آهن. بکن وگهي مرندڙ ماڻهن جي قتلن جا ڪيس ملڪ جي حڪمرانن تي داخل ڪيا وڃن. نوان صوبا ڪميٽي ختم ڪري ملڪ ٽوڙڻ جي سازش بند ڪئي وڃي، سنڌ جون زمينون پرڏيهين حوالي ڪرڻ بدران سنڌ جي هارين ۾ ورهايون وڃن.

بقايا سنڌيار 27

aداخل ڪري سنڌ واسين جو ڪنڌ شرم کان جهڪجي ويو آهي سنڌ جي عوام طرفان مان اعظم سواتي کان معافي وٺان ٿو اهڙو اظهار هن سنڌ هائي ڪورٽ سکرجي احاطي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيوحليم عادل شيخ وڌيڪ چيو ته ملڪ ڊيفالٽ طرف وڃي پيو پر وزير خارجا بلاول زرداري پرڏيهي دورا ڪري هڪ ارب 35 ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا آهن حڪمرانن جي شاهي خرچن سبب ملڪ جو قرض لهڻ بجاءِ وڌي رهيو آهي هڪ طرف پرڏيهي وزير ملڪن جا دورا ڪري پيو ته ٻئي طرف سفارتي عملي کي پگهارن جي ادائگي لاءِ پئسا ناهن ٻڌڻ جو مقام آهي ملڪ ڊيفالٽ طرف وڃي پيو ۽ حڪمران شاهاڻن خرچ ڪري عوام مٿان وڌيڪ بار وجهن پيا پي ٽي آئي ملڪ جي واحد سياسي پارٽي آهي جيڪا صرف ملڪ ۽ عوام جي بهتري لاءِ سوچي پئي

بقايا سنڌيار 28

اڪبر، اعجاز چوهاڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جتي هنن چيو ته اسان اين ٽي ايس پاس استاد مسلسل 9 سالن کان آفر آرڊر لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ڪو تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي هن وقت اسان جو احتجاج ڪراچي پريس ڪلب اڳيان جاري آهي جتي ڪراچي پوليس پر امن احتجاج ڪندڙ اسان جي مرڪزي اڳواڻ ادا حبيب سنڌي ۽ ٻين عهديدارن کي جائز حقن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي تشدد ڪري ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي حق گهرڻ کان روڪيو پيو وڃي، هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي آفر آرڊر ڏئي گرفتار اڳواڻ ۽ استادن کي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪري ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 29

اتحاد ۽ ثقافت جي موضوعن کي نروار ڪيو. ان موقعي تي استادن جن ۾ غلام نبي ڪيريو، جنيد اختر لاکو، وحيد اختر لاکو، مير محمد ڪيريو، محمد حسن پنهيرو چيو ته سنڌ سموري دنيا جي ماڻهن کي زندگي جيئڻ جا رستا ٻڌايا. ڦيٿو ڪپڙو، زراعت ۽ پڪيون جايون تعمير ڪري رهڻ جي شروعات سنڌ کان ٿي. هنن چيو ته اڄ شاگردن جنهن سهڻي انداز ۾ سنڌ جي مهانتا تي ڳالهايو آهي، ان مان اميد جاڳي پئي آهي ته سنڌ جو مستقبل روشن آهي. تقريب ۾ استاد سعيد اختر لاکو، استاد عامر ڪيريو، شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

ايجوڪيشن لاڙڪاڻو کي ليٽر اماڻي مون کي جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري ڏيڻ جي هدايت ڪئي پر تعليم کاتي وارا جايون خالي هوندي به جايون خالي نه هئڻ جو جواز ڄاڻائي مون کي آرڊر جاري نه پيا ڪن جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن سنڌ جي وڏي وزير، تعليم کاتي جي صوبائي وزير سميت ٻين کي اپيل ڪئي ته فوتي ڪوٽا تحت نوڪري ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 31

خان چانگ جو ميمبر هاڻوڪو نامزد ميمبر ڪريم بخش دل جي چانگ هائوس تي شرڪت هاليپوٽا گروپ کان الوداع ڪري ڇڏي ۽ يڪجهتي جو اعلان ڪندي چانگ گروپ ۾ شامل ٿي ڀرپور جدوجهد جي حامي ڀري ۽ سردار ڪمال خان چانگ سان هروقت ساٿ جو عزم ڪيو پاڪستان پيپلزپارٽي اڳوٽو ضلعي ناظم بدين اڳوٽو اي ايم اين بدين سردار رئيس ڪمال خان چانگ سان اڳوٽو يوسي غازي چانگ جي ميمبر هاڻوڪو نامزد ميمبر وڏيرو عبدالڪريم دل جي راجوٽي سياسي اتحاد سان اهم ملاقات حيدر آباد چانگ هائوس ته ڪئي وئي ۽ چانگ گروپ ۾ شموليت جو اعلان ۽ سردار رئيس ڪمال خان چانگ پاران عبدالڪريم دل کي چانگ گروپ ۾ شامل ٿيڻ تي پليڪار چيو.

بقايا سنڌيار 32

۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته NTS احتجاجي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ حبيب سنڌي جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته اسان پنهنجو حق وٺڻ لاءِ پرامن سراپا احتجاج بڻيل آهيون پر سنڌ حڪومت اسان کي حق ڏيڻ بدران ظلم ڪري رهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور گرفتار اڳواڻ حبيب سنڌي کي آزاد ڪري اسان کي پنهنجو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو عمل وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 33

وسپور محلا، رائل روڊ، نئون پنڊ، نئون ڳوٺ، پوسا لائين، قريشي ڳوٺ، ريس ڪورس روڊ، مينارا روڊ، شاليمار، ڪوئنس روڊ، مياڻي روڊ، آبادلاڪا سميت اڪثر علائقن ۾ صبح منجهند ۽ شام جو ماني پچائڻ وقت گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ گئس جي فراهمي بند ڪئي پئي وڃي، گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ کان تنگ ٿي شهري روڊن تي نڪري آيا. جن قريشي ڳوٺ چوڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي مولانا عبيدالله ڀٽو، سيد عمران علي شاهه، حبيب انصاري ۽ ٻين چيو ته سکر شهر ۾ سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. جنهن سبب سکر واسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ گئس نه هجڻ سبب ڪاٺيون ۽ سلينڊر ٻارڻ تي مجبور آهي. ڪيترائي ڀيرا سئي گئس انتظاميا کي شڪايتون ڪرڻ باوجود گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو بند نه ٿو ڪيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو فوري طور تي بند ڪيو وڃي.